# سنڌي ٻوليءَ جو نصاب

## ڇهين کان اٺين درجي لاءِ

2022

حڪومت سنڌ

اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ وارو کاتو

اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق سنڌ، ڄامشورو

# پيش لفظ

نصاب جي تشڪيل هڪ مسلسل عمل آهي، جيڪڏهن اسان ڪي موجوده ترقيءَ واري دؤر سان گڏ هلڻو آهي ته نصاب جي تشڪيل/نظرثانيءَ جو عمل جاري رهڻ گهرجي. ايڪهين صديءَ ۾ تيزيءَ سان ايندڙ تبديلين سبب عملي ميدان ۾ به ڪيتريون نئي اڳيرائيون ٿيون آهن. جن ڪي ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي.

پاڪستان ۾ نصابي سڌارن جي شروعات 2005 کان ڪئي وئي. 07-2006 ۾ ٻاراڻي ابتدائي تعليم ( ECE) کان ٻارهين درجي تائين نصاب ۾ گهربل تبديليون آڻي، لاڳو ڪيو ويو. گذريل سالن ۾ ان نصاب کي درسي ڪتابن، استادن جي تربيت ۽ امتحاني عمل ذريعي شاگردن تائين پهچايو ويو. 2010ع ۾ 1973ع جي آئين ۾ ارڙهين ترميم آندي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ تعليم سميت ٻين ڪيترن ئي شعبن کي مڪمل طور صوبن جي حوالي ڪيو ويو.

سنڌ صوبي ۾ نصاب جوڙڻ جي عمل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اداره نصاب ، جائزو ۽ تحقيق سنڌ، ڄامشورو ( DCAR ) کي ذميواري سونپي وئي آهي، جنهن 2006ع جي نصاب جو جائزو وٺي، ان ۾ گهربل تبديلين جو عمل شروع ڪيو آهي. پرائمري ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي سطح جي نصاب کي، انهيءَ عمل تحت سڌاريو پيو وڃي. سنڌ جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي پاران موجوده نصاب تي نظرثانيءَ لاءِ لاڳاپيل ماهرن ۽ استادن جون ڪاميٽيون جوڙيون ويون آهن. جن جي گڏيل صلاح، مشورن، محنت ۽ دلچسپيءَ سان مختلف مضمونن جا نصابي مسودا تيار ڪيا پيا وڃن . ان سلسلي ۾ سنڌ جي تعليم کاتي پاران منظور ڪيل صوبائي نصاب ڪاميٽيءَ 2018ع ۾ ابتدائي ڪلاسن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي نصاب جو مسودو تيار ڪيو ۽ ماهرن پاران انهيءَ تي نظرثاني پڻ ڪئي وئي. ان کانپوءِ سنڌ جي تعليم کاتي پاران منظوري ڏني وئي.سنڌي ٻوليءَ جي نئين نصاب جي روشنيءَ ۾ پرائمري سطح جا درسي ڪتاب پڻ ڇپجي رهيا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي نصاب (ڇهين کان اٺين درجي تائين) 2022 کي، 2006ع وارن معيارن (Standards) جي بنياد تي جوڙيو ويو آهي. ان ۾ ٻوليءَ جي مهارتن، جن ۾ ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ کانسواءِ تقرير، تخليقي تحرير، پسنديدگي ۽ تنقيد زبان شناسي ۽ زندگيءَ جي مهارتن کي به لاڳاپيل معيارن موجب شامل ڪيو ويو آهي. گذريل سالن ۾ 2009ع واري سنڌي ٻوليءَ جي نصاب کي لاڳو ڪرڻ کانپوءِ محسوس ڪيو ويو ته ان کي استادن، شاگردن ۽ درسي ڪتاب لکندڙن لاءِ اجا وڌيڪ سَولو بڻائڻ جي ضرورت آهي. ۽ نصاب ۾ اهڙن مضمونن ۽ عنوانن کي به شامل ڪجي، جن سان شاگردن ۾ رواداري، انساني حقن جي پاسداري، ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال، ڪرپشن کان نفرت ۽ جمهوري رَوَين سان لڳاءُ پيدا ٿي سگهي، ۽ اُهي سماج ۾ بهتر پاڪستاني شهريءَ جي حيثيت سان، سگهارو ڪردار ادا ڪري سگهن.

سنڌي ٻوليءَ جي نصاب (ڇهين کان اٺين درجي لاءِ) 2022ع جون خاص خوبيون هيٺ ڏجن ٿيون:

- هن نصاب جو ڍانچو، ٻين مضمونن سان هم آهنگ ڪيو ويو آهي. ان ۾ هر معيار موجب ( Standard)، مرحليوار حدن ( Bench Marks)۽ سکيا جي حاصلات ( Learning Outcomes) ۾ واڌارو ڪيو ويو آهي ته جيئن ان کي پڙهڻ ۽ استعمال ڪرڻ ۾ آساني پيدا ٿئي.
- سنڌي ٻوليءَ جي سيني مهارتن جي 'سکيا جي حاصلات' جو جائزو وٺي، انهن کي هڪٻئي سان هم آهنگ ڪيو ويو آهي. جو ته ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جي عملن کي هڪٻئي کان الڳ ڪري، ٻوليءَ جي سکيا جي مقصدن کي حاصل نه ٿو ڪري سگهجي.
- پڙهڻ جي سرگرمين کي به نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.
- نصاب ۾ نظم ۽ نثر جا درجيوار عنوان به ڏنا ويا آهن، ته جيئن ليکڪن، استادن ۽ شاگردن کي سهولت ٿئي.

• جديد دَور جي مسئلن ۽ گهرجن کي آڏو رکندي ماحوليات، صحت ۽ صفائي، ٻارن جي حقن، تاريخي ماڳن مڪانن، قدرتي آفتن اچڻ دوران مثبت روين جي اوسر، امن ،انساني برابري، رواداري ۽ سماجي هم آهنگي ۽ همدرديءَ جهڙن موضوعن کي پڻ نصاب جو حصو بڻايو ويو آهي.

• سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاهه عبداللطيفؒ جي زندگي ۽ فڪر کي نئين نسل تائين پهچائڻ لاءِ هر ڪلاس ۾ لطيف شناسيءَ بابت ٻارن جي ذهني صلاحيتن موجب مواد ، نظم ۽ نثر ۾ ،شامل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

• درسي ڪتابن جي تياريءَ لاءِ تفصيلي ۽ عمل جوڳيون سفارشون ترتيب ڏنيون ويون آهن ته جيئن ليکڪ ۽ نظرثاني ڪندڙ انهيءَ مان رهنمائي حاصل ڪري سگهن.

• استادن لاءِ جديد تدريسي حڪمت عمليون ۽ ٽيڪنڪس کي به نصاب جو حصو بڻايو ويو آهي.

• روز مره جي مهارتن جي حوالي سان، روزاني زندگيءَ سان لاڳاپيل موضوعن ۽ سکيا جي حاصلات کي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

• جاچ ۽ جائزي جي اهميت کي نظر ۾ رکندي، ليکڪن ۽ استادن جي رهنمائيءَ لاءِ جائزي بابت مواد نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن ٻوليءَ جي مهارتن کي درست انداز سان پرکي سگهجي.

• شاگردن جي تخليقي ۽ تنقيدي صلاحيتن کي اڀارڻ ۽ اجاگر ڪرڻ لاءِ ’سکيا جي حاصلات‘ ۽ ’سرگرمين‘ کي نصاب جو حصو بڻايو ويو آهي.

اميد ته ليکڪ ۽ لاڳاپيل ادارا، هن نصاب جي روح مطابق، درسي ڪتابن جي تياري ڪري ڀرپور مواد تيار ڪندا. اهڙيءَ طرح استادن جي تربيتي ادارن، وس وارن ۽ امتحان وٺندڙن کان به اميد ڪئي وڃي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ جي جديد تقاضائن، هدايتن ۽ سفارشن موجب پنهنجي پنهنجي ادارن جي مقصدن جي روشنيءَ ۾ ضروري تبديليون ڪندا، ته جيئن نصاب جي اصل روح موجب شاگردن جي تعليم ۽ تربيت ممڪن بڻائي سگهجي.

ادارو، ڪاميٽيءَ جي چيئرمين، ميمبرن ۽ ٻين ادارن ۽ انهن سڀني فردن جو ٿورائتو آهي، جن جي تعاون ۽ ڪوشش سان هيءُ نصاب تيار ٿيو. اميد ته هن نصاب کي عمل ۾ آڻڻ دوران به تعاون جاري رهندو. آخر ۾ سڀني لاڳاپيل ادارن ۽ فردن کي گذارش ڪجي ٿي ته نصاب کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجين تجويزن ۽ مشورن کان ضرور آگاهه ڪندا.

**پاران:**
**اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق، سنڌ،**
**ڄامشورو**

# فهرست


مادري زبان طور سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جي اهميت.....5

سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جا بنيادي هدف.....8

عام هدف.....8

خاص هدف.....9

وچولي سطح تي(ڇهين کان اٺين درجي لاءِ) سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جا مقصد.....10

سنڌي ٻوليءَ جون مهارتون.....11

- **درجو ڇهون (Grade-VI).....12**
- ٻڌڻ Listening.....12
- ڳالهائڻ Speaking.....13
- پڙهڻ Reading.....14
- لکڻ Writing.....16
- تقرير Speech.....18
- تخليقي تحرير Creative Writing.....19
- زبان شناسي Language Cognition.....20
- پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism.....23
- زندگيءَ جون مهارتون Life Skills.....24
- **درجو ستون (Grade-VII).....26**
- ٻڌڻ Listening.....26
- ڳالهائڻ Speaking.....27
- پڙهڻ Reading.....28
- لکڻ Writing.....30
- تقرير Speech.....32
- تخليقي تحرير Creative Writing.....33
- زبان شناسي Language Cognition.....34
- پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism.....36
- زندگيءَ جون مهارتون Life Skills.....37
- **درجو اٺون (Grade-VIII).....39**
- ٻڌڻ Listening.....39
- ڳالهائڻ Speaking.....41

• پڙهڻ Reading........................................................................................42
• لکڻ Writing........................................................................................44
• تقرير Speech........................................................................................46
• تخليقي تحرير Creative Writing........................................................................................47
• زبان شناسي Language Cognition........................................................................................49
• پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism........................................................................................51
• زندگيءَ جون مهارتون Life Skills........................................................................................52
• ڇهين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان........................................................................................55
• ستين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان........................................................................................58
• اٺين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان........................................................................................61
• درسي ڪتابن جي تياري........................................................................................64
• تجويز ڪيل تدريسي حڪمت عمليون (TEACHING STRATEGIES)........................................67
• تدريسي مددي شيون........................................................................................73
• استادن جو رهبر........................................................................................75
• جائزي لاءِ حڪمت عمليون (ASSESSMENT STRATEGIES)........................................76
• سنڌي ٻوليءَ جي نصاب (ڇهين کان اٺين درجي تائين) ۽ درسي ڪتابن جي جائزي واري ماهرن جي ڪاميٽي........79

## مادري زبان طور سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جي اهميت

ڪنهن ٻوليءَ جي اهميت جو اندازو انهيءَ ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اها ڪيتري پراڻي ۽ شاهوڪار آهي. ان ۾ علمي ۽ ادبي زبان بنجڻ جي ڪيتري صلاحيت آهي. ماڻهن جو ڪيترو تعداد ان کي پنهنجيءَ سوچ، گفتگو، تحرير ۽ تعليم جي ذريعي طور ڪم آڻي ٿو، ۽ اها ٻولي ڪيتري ايراضيءَ ۾ ڳالهائي، لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. انهن ڳالهين کي سامهون رکي ائين چئي سگهجي ٿو تہ:

1. سنڌي ٻولي، دنيا جي قديم ۽ اوائلي ٻولين مان هڪ آهي. ان کي پنهنجو اڪٿ علمي ۽ ادبي خزانو آهي، جيڪو تمام گهڻي انداز ۾ عام ماڻهن جي گفتگوءَ ۽ سنڌي لغات ۾ محفوظ آهي. اسان جي شاعرن ۽ اديبن پنهنجي علمي ۽ ادبي ڪماليت جو اظهار، سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي ڪيو آهي ۽ ان وسيلي ئي سندن خيال اسان تائين پهچي سگهيا آهن.

2. سنڌي ٻولي، صدين کان اسان جي قديم تهذيب ۽ تمدن جو مظهر آهي ، هن ٻوليءَ ۾ اسان جو تهذيبي، ثقافتي ۽ تاريخي سرمايو محفوظ آهي.

3. سنڌي ٻولي نہ فقط سنڌ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، جيڪو پاڪستان جو ٻيو نمبر وڏو صوبو آهي، پر ان جون حدون ماضيءَ ۾ اُچ شريف ۽ ملتان کان بہ اڳتي تائين پکڙيل هيون. انهن علائقن ۾ بہ قديم زماني ۾ سنڌي ٻولي استعمال ٿيندي هئي. ان کان سواءِ سنڌي ٻولي، هندستان جي بہ ڪيترن ئي صوبن ۾ نہ فقط ڳالهائي وڃي ٿي ، پر اتي ان کي قومي ٻوليءَ جو درجو پڻ حاصل آهي. سنڌي ٻولي، دنيا جي ٻين بہ ڪيترن ئي ملڪن، جهڙوڪ : برما، هانگ ڪانگ، سري لنڪا، ٿائيليند، انڊونيشيا، ملائيشيا، سينگاپور، آسٽريليا، جپان، اوڀر آفريڪا، ڏکڻ آفريڪا، برطانيا، آمريڪا، فرانس، جرمني، ڪئناڊا، عراق، ايران، عربستان ۽ عرب امارتن وغيره ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهو، پنهنجي روزاني ڪاروهنوار، محفلن ۽ مجلسن ۾ ڳالهائيندا رهن ٿا.

4. هيءَ ٻولي موجوده زماني ۾ ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ ۽ وڻج واپار لاءِ مارڪيٽنگ جي ٻولي بڻجي چڪي آهي.

- هن وقت هيءَ ٻولي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ٻوليءَ جي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي. پاڪستان ۾ خانگي ٽي وي جي ستن چئنلن تان هن ٻوليءَ ۾ چوويهہ ئي ڪلاڪ نشريات جاري آهي، اهي چئنل دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ روزانہ ڏٺا وڃن ٿا.
- اهڙيءَ طرح اخباري ميڊيا تي سنڌ مان روزانو ٽيهہ کن اخبارون، جن ۾ هفتيوار اخبارون، ماهوار ۽ ٽماهي رسالا شايع ڪيا ويندا آهن.

5. سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا / پڙهائڻ جو سلسلو سنڌ ۾ صدين کان هلندڙ آهي.

6. انهن حقيقتن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي اڄ بہ دنيا جي اهم ٻولين مان هڪ آهي، جنهن جي مادري زبان توڙي غير مادري زبان طور سکيا / تدريس جي وڏي ضرورت آهي، ۽ ان جي پڙهائڻ لاءِ قومي جذبي ۽ پيشہ وراستادن جي بہ گهڻي گهرج آهي.

7. سنڌي ٻوليءَ جي مادري توڙي غير مادري زبان طور لازمي تدريس لاءِ سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ، 7 جولاءِ 1972ع ۾، سنڌي ٻولي لازمي طور پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جو' 1972ع وارو ائڪٽ' بحال ڪيو، جنهن ۾ اهو ضروري ڄاڻايو ويو هو تہ سنڌي ٻوليءَ جي لازمي سکيا ۽ دفترن ۾ عام استعمال جو جوڳو بندوبست ڪيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ تحقيقي رٿائون جوڙيون وڃن.

8. سنڌي ٻوليءَ جي وسعت جو اندازو انهيءَ ڳالھ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ ان ۾ دنيا جي اڪثر ٻولين جي پيٽ ۾ ڳالهائيندڙ ماڻهو، دنيا جي ڪهڙي بہ ٻوليءَ جا صوتي آواز سولائيءَ سان اچاري سگهن ٿا.

9. سنڌي ٻوليءَ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي اهميت جو خيال رکندي، انگريز سرڪار پنهنجي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اسڪولن، ڪاليجن، سرڪاري دفترن، عدالتن ۽ وڻج واپار ۾ رائج ڪيو هو، پر اهو بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت واري دور (1010ع-1351ع) ۾ اسلام جي داعين، اسلام جي تبليغ، سنڌي ٻوليءَ ذريعي ڪئي ۽ اسان کي اها شاهدي ملي ٿي تہ ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ بہ سنڌي ٻولي، سنڌ جي مدرسن ۾ تعليمي ذريعي طور، رائج هئي.

10. پاڪستان جي تحريڪ دوران ٻين علائقن جي ٻولين وانگر سنڌ ۾ سياسي ۽ نظرياتي سجاڳي آڻڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اهم ڪردار رهيو. سنڌ ۾ اهڙي سياسي سجاڳي سنڌي اخبارن ۽ رسالن ذريعي آئي.

11. سنڌي ٻولي، پنهنجي بنيادي وياڪرڻي جوڙجڪ ۽ لفظن جي ذخيري جي لحاظ کان اردو ٻوليءَ ۽ پاڪستان جي ٻين ٻولين سان ويجهي لڳ لاڳاپي واري زبان آهي.

12. سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ حيثيت کي آڏو رکندي سنڌ سرڪار پاران، جولاءِ 1972ع واري، سنڌ اسيمبليءَ جي بحال ڪيل ائڪٽ مطابق سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي ۽ ان کي سنڌي ڳالهائيندڙ شاگردن لاءِ ٻارهين ڪلاس تائين مادري زبان طور ۽ سنڌي ٻولي نہ ڳالهائيندڙ شاگردن لاءِ، ڪلاس ٽئين کان ٻارهين ڪلاس تائين غير مادري زبان طور لازمي قرار ڏنو آهي،سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ جائزي کان

پوءِ اها ڳالھ چٽي ٿي وڃي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي، تھذيبي، علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ قومي ٻڌيءَ جي لحاظ کان تمام گھڻي اهميت آهي.

13. سنڌي ٻوليءَ جي لساني، علمي، ادبي ۽ ثقافتي اهميت کي آڏو رکندي، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا / تدريس جو نصاب ڇھين کان انين ڪلاس تائين انتھائي محنت ۽ خبرداريءَ سان جوڙيو ويو آهي.

# سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جا بنيادي هدف

## عام هدف:

1. سنڌي زبان، پاڪستان جي چئني صوبن جي بنيادي زبانن مان هڪ اهم زبان آهي، جيڪا سنڌ ۽ سنڌ جي حدن کان ٻاهر بلوچستان ۽ پنجاب جي ڪجهه ڀاڱن ۾ به ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي. تازو ئي بلوچستان ۾ پرائمري سطح تي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا پڻ شروع ڪئي وئي آهي. سنڌي زبان سڄيءَ سنڌ ۾ سرڪاري، دفتري ۽ تعليمي تدريسي زبان طور ڳالهائي، سمجهي، لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. ان بنياد تي سنڌ جو هر شاگرد ان قابل هئڻ گهرجي، جو هو سمورين مهارتن جي روشنيءَ ۾ لاڀ حاصل ڪري سگهي.

2. سنڌي ٻولي، سنڌ ۽ پاڪستان جي حدن کان ٻاهر پاڙيسري ملڪ هندستان ۽ دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ پڻ ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي. نشرياتي ۽ اطلاعاتي رابطن، ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي حوالي سان به سنڌي زبان، دنيا جي انهن اهم زبانن ۾ شمار ٿئي ٿي، جيڪي انگريزيءَ، عربيءَ ۽ اردوءَ وانگر ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي اچي ويون آهن. ان ڪري سنڌي شاگردن کي هن زبان جي ان ٽيڪنالاجيءَ واري رخ جي ڄاڻ پڻ حاصل ڪرڻ گهرجي.

3. سنڌي زبان ،عام ڳالهه ٻولهه سان گڏ علم ادب، صحافت، وڻج واپار، سرڪاري آفيسن، ڪورٽن، تعليم ۽ تدريس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ثقافت، سياحت، راندين ۽ ٻين ڪيترن ئي ميدانن ۾ به ڪتب اچي ٿي. ان لحاظ کان شاگردن کي ان قابل هئڻ گهرجي ته اهي هر ڏس ۾ سنڌيءَ جي ڀرپور ڄاڻ حاصل ڪري سگهن.

4. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين زبانن جي لفظن، تصورن ۽ بيان جي انداز ۽ صنفن کي پاڻ ۾ سمائڻ جي مڪمل صلاحيت پڻ موجود آهي. ان ڪري سنڌي ڳالهائيندڙ ٻار، لفظ سازيءَ ۽ مضمون نويسيءَ ۾ مهارت حاصل ڪري، پنهنجا جوهر ڏيکاري سگهن.

5. سنڌي زبان، ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ ٻين جديد دور جي گهرجن جو پورائو ڪري سگهي ٿي، ان ڪري سنڌي شاگرد، وقت جي جديد تقاضائن جو شعور ۽ ساڃاهه حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل مهارتن تي به عبور حاصل ڪري سگهن.

## خاص هدف:

سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تدريس اِن ريت هئڻ گهرجي، جو سنڌي شاگرد ان قابل ٿي سگهي تہ:

1. سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي جوڙجڪ، وُسعت / ڪشادگيءَ ۽ اهليت جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

2. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهہ ٻولهہ جي تقاضائن (لهجي، اُچار ۽ ادائگيءَ) جي لحاظ کان عبور حاصل ڪري سگهي.

3. سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيل ڳالهين، گفتگو ۽ تقريرن کي ٻڌي، پورو اِدراڪ حاصل ڪري سگهي.

4. سنڌي ٻوليءَ جي نثر ۽ نظم جي ڌار ڌار صنفن ۽ طرزِ بيان کي پڙهي، انهن ۾ فرق ڪري، پسند ڪري ۽ تنقيد ڪري سگهي.

5. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ زباني ۽ تحريري طور بهترين انداز سان پنهنجي دلي ڪيفيت جو اظهار ڪري سگهي.

6. پنهنجي ذاتي ۽ قومي زندگيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو عام استعمال ڪري سگهي ۽ ان سلسلي ۾ سنڌي زبان جي ادبي ذخيري جو اپياس ڪري سگهي، تہ جيئن هو قومي وقار، تهذيب ۽ ثقافت جو اعليٰ شعور، اِدراڪ ۽ زندگيءَ جون مهارتون حاصل ڪري سگهي.

## وچولي سطح تي (ڇهين کان اٺين درجي لاءِ) سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جا مقصد

سنڌي ٻوليءَ جي تدريس وسيلي شاگرد اُن لائق ٿي سگهي ته:

1. سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي جوڙجڪ ۾ مرڪب جملن تائين فهم حاصل ڪري سگهي.
2. سنڌيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه، تقريرن ۽ خطبن کي ٻڌي، انهن کي سماجي ۽ اخلاقي حوالن سان سمجهي سگهي.
3. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾، روزمره جي ڪاروهنوار ۾ پنهنجي راءِ ڪتب آڻي ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.
4. ٻوليءَ، انسان ۽ فطرت جي لاڳاپي کي، نظم ۽ نثر جي صورت ۾ پڙهي سمجهي سگهي.
5. سنڌيءَ ۾ لکي روزمره جي ڪم ڪار، مشاهدن، تجربن، خيالن ۽ راين کي بيان ڪري سگهي.
6. عملي ۽ قومي زندگيءَ جي روزمره وارين بنيادي لساني ضرورتن کي سنڌيءَ جي مدد سان پورو ڪري سگهي.

# سنڌي ٻوليءَ جون مهارتون

| | |
|---|---|
| 1. ٻڌڻ | Listening |
| 2. ڳالهائڻ | Speaking |
| 3. پڙهڻ | Reading |
| 4. لکڻ | Writing |
| 5. تقرير | Speech |
| 6. تخليقي تحرير | Creative Writing |
| 7. زبان شناسي | Language Cognition |
| 8. پسنديدگي ۽ تنقيد | Appreciation and Criticism |
| 9. زندگيءَ جون مهارتون | Life Skills |

| Competency-1 | Listening ٻڌڻ | | |
|---|---|---|---|
| **معيار**<br>Standards<br>**(ڇهين کان اٺين<br>درجي تائين)** | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته :<br>1. نوَ هزار لفظن ۽ ترڪيبن جو احاطو ڪري سگهي.<br>2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ٻڌي، مفهوم پروڙي، راءِ ڏئي سگهي.<br>3. سنڌيءَ ۾ ڪهاڻين، ڊرامن، تقريرن، هدايتن، حڪمنامن ۽ اعلانن کي ٻڌي ، ڳالهائيندڙ جي مقصد کي چٽيءَ ريت سمجهي، تجزيو ڪري سگهي. | | |
| **مرحليوار حد**<br>Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ ستن هزارن تائين لفظ ٻڌي ، درست استعمال ڪري سگهي. | 2. روز مره جي سماجي گفتگو ٻڌي، راءِ ڏئي سگهي. | 3. سنڌيءَ ۾ واقعا، ڪهاڻيون، تقريرون ۽ گيت ٻڌي، سمجهي سگهي. |
| **سکيا جي حاصلات**<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs) | 1. ڳالهايل لفظ ٻڌي معلومات کي سمجهي سگهي.<br>2. روانيءَ سان ڳالهايل لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهي سگهي.<br>3. لهجي ، اچار ۽ ادائگيءَ جي روانيءَ مان موضوع بابت اندازو لڳائي سگهي. | 1. روانيءَ سان ڪيل گفتگو ٻُڌي، پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.<br>2. روز مره جي گفتگو ٻُڌي، پنهنجو رد عمل ظاهر ڪري سگهي.<br>3. ابلاغ جي ذريعن (ريڊيو، ٽيليويزن، سوشل ميڊيا، فيس بڪ وغيره) تان خبرون، ڊراما ۽ فيچر ٻڌي، سمجهي سگهي. | 1. مخاطب جي ڳالهه ٻُڌي، پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.<br>2. ڪهاڻيون، تقريرون، هدايتون ۽ اعلان ٻُڌي، انهن تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.<br>3. گيت ٻُڌي، ان جي سمجهاڻي ڏئي سگهي.<br>4. واقعو ٻڌي، ان بابت راءِ ڏئي سگهي. |

| Competency-2 | ڳالهائڻ Speaking | | |
|---|---|---|---|
| معيار Standards (ڇهين کان ائين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ نَوَ هزار لفظن ۽ ترڪيبن کي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>2. روز مره جي معاملن (سماجي ، ثقافتي، معاشي) بابت ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.<br>3. سنڌيءَ ۾ سُرَ سماءُ جي ذريعن وسيلي ڪهاڻين، ڊرامن، واقعن، تقريرن، هدايتن، حڪمنامن ۽ اعلانن کي ٻڌي بيان ڪري سگهي. | | |
| مرحليوار حد Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ ست هزار لفظ ڳالهائي سگهي. | 2. سماجي معاملن بابت ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺي سگهي. | 3. سنڌيءَ ۾ واقعا، ڪهاڻيون ۽ تقريرون ٻڌي زباني راءِ ڏئي سگهي. |
| سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. پنهنجي حاصل ڪيل معلومات بيان ڪري سگهي.<br>2. ڪنهن بہ شيءِ کي اچار، آهنگ، لئہ ۽ ادائگيءَ سان ورجائي سگهي. | 1. مختلف سماجي معاملن بابت رواني‌ءَ سان گفتگو ڪري سگهي.<br>2. مختلف تقريبن ۾ حصو وٺي،انهن بابت ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي. | 1. تقرير ٻڌي موضوع مطابق پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>2. آڪاٽيون ۽ نظم ٻڌائي سگهي.<br>3. سُرَ سماءَ جي ذريعن وسيلي مليل ڄاڻ کي ربط ۽ تسلسل سان بيان ڪري سگهي. |

| Competency-3 | Reading پڙهڻ | | |
|---|---|---|---|
| معيار<br>Standards<br>(ڇهين کان اٺين<br>درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. بنيادي خيال کي آڏو رکندي، عبارت (نثر ۽ نظم) کي درست ۽ رواني ۽ سان سمجهي، پڙهي سگهي.<br>2. عام مطالعي جو رَوَيو پيدا ڪري سگهي.<br>3. علمي، ادبي، صحافتي ۽ دفتري عبارت پڙهي سگهي. | | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. عبارت کي رواني ۽ درست رفتار سان سمجهي، پڙهي سگهي. | 2. نثر ۽ نظم (ڪهاڻي، مضمون ۽ نظم) جي فرق کي سمجهي، پڙهي سگهي. | 3. علمي، ادبي ۽ صحافتي مواد پڙهي، سمجهي سگهي. |
| سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs) | 1. عبارت جي بنيادي خيال ۽ مقصد کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>2. سادي عبارت (نثر ۽ نظم) کي رواني ۽ سان پڙهي سگهي.<br>3. عبارت، بيهڪ جي نشانين موجب سمجهي پڙهي سگهي.<br>4. عبارت ۾ ڪتب آندل نَون لفظن کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>5. درست اُچار ۽ ادائگيءَ سان لفظ پڙهي سگهي. | 1. اخبارن، رسالن ۾ ڏنل ڪهاڻين ۽ نظمن کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>2. ڪهاڻي، ڊرامي، مضمون ۽ نظم جي فرق کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>3. روز مره جي محاورن جو مفهوم سمجهي پڙهي سگهي.<br>4. لطيفن ۽ پرولين ۾ لکل ڏاهپ کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>5. نَون لفظن جي معنيٰ لغت مان ڳولي سمجهي، پڙهي سگهي.<br>6. ڪهاڻي، واقعي ۽ ڊرامي وغيره جي ڪردارن کي سمجهي پڙهي سگهي. | 1. اخبارن ۾ ڏنل مواد پڙهي سمجهي سگهي.<br>2. مختلف معلوماتي مواد سمجهي پڙهي سگهي.<br>3. ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ جي ذريعي مليل مواد کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>4. مختصر سماجي ۽ پيشه ورانه ضرورتن بابت لکيل مواد سمجهي پڙهي سگهي.<br>5. لکيل جي مختلف انداز کي سمجهي پڙهي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 6. ڪنهن بہ عبارت ۾ ڏنل جدول، خاڪن، تصويرن ۽ نقشن وغيره کي ڏسي سمجهي پڙهي سگهي. | 7. شاھ عبداللطيفؒ جا بيت درست اچار ۽ رواني ءَ سان پڙهي سگهي. | 6. عبارت جي شروعات ، متن ۽ پُڄاڻي کي سمجهي پڙهي سگهي. | |

| Competency-4 | لکڻ Writing | | |
|---|---|---|---|
| معيار Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته :<br>1.ڪنهن به عبارت (نظم ۽ نثر) کي پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي.<br>2.پنهنجي دل جي ڳالھ (ما في الضمير) کي تحرير جي مختلف نمونن ( مضمون، ڪهاڻي، نظم، روزنامچي ، ڊرامي) ۾ استعمال ڪندي ، مربوط انداز ۾ لکي سگهي.<br>3.رسمي ۽ غير رسمي، تحرير جي انداز ۾ فرق کي آڏو رکندي، گرامر ۽ لفظن جو ذخيرو استعمال ڪري سگهي. | | |
| مرحليوار حد Benchmarks | 1.عبارت (نظم ۽ نثر ) پڙهي خلاصو لکي سگهي . | 2. مضمون ۽ ڪهاڻي پڙهي / ٻڌي ان بابت پنهنجي راءِ لکي سگهي. | 3. رسمي ۽ غير رسمي تحرير جو انداز اختيار ڪندي، گرامر ۽ لفظن جي ذخيري جو مناسب استعمال ڪري سگهي. |
| سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. سبق پڙهي سوالن جا مناسب جواب لکي سگهي.<br>2. سبق پڙهي، اشارن جي مدد سان خلاصو لکي سگهي.<br>3. نظم جومفهوم پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي.<br>4. اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن تان صورتخطيءَ کي درستيءَ مناسب رفتار سان لکي سگهي.<br>5. سُتَ سماءَ جي ذريعن مان حاصل ڪيل ڄاڻ کي پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي. | 1. شروعات ، نفسِ مضمون ۽ پڄاڻيءَ کي آڏو رکندي مضمون لکي سگهي.<br>2. ڪهاڻي پڙهي، نتيجو پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي.<br>3. آکاڻيءَ جي شروعات، وچ ۽ پڄاڻيءِ کي آڏو رکي، ڪا وٽندڙ آکاڻي لکي سگهي.<br>4. واقعن ۽ ڪهاڻين کي ٻڌي، انهن جي ڪردارن بابت پنهنجي راءِ لکي سگهي. | 1. اسڪول مان موڪل وٺڻ جي درخواست لکي سگهي.<br>2. پنهنجي دوست، والدين، مائٽن، بزرگن ۽ استادن ڏانهن خط لکي سگهي.<br>3. اسڪول جو داخلا فارم ڀري سگهي.<br>4. رسمي ۽ غير رسمي خط لکي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 6. ڪتابن ۽ رسالن جي مدد سان ڪنهن بہ موضوع تي مختصر مضمون لکي سگهي.<br>7. ڪنهن بہ نثر پاري کي سولو ڪري لکي سگهي.<br>8. شاهہ عبداللطيفؒ جي بيتن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهي لکي سگهي. | | 5. بيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪندي، مربوط جملن جي مدد سان عبارت، پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي.<br>6. روز مرهہ جي زندگيءَ ۾ ڪتب ايندڙ محاورن ۽ چوڻين کي پنهنجين لکڻين ۾ شامل ڪري لکي سگهي.<br>7. اسڪول جي نصابي ۽ هم نصابي سرگرمين جا احوال پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي. |

| Competency-5 | تقرير (Speech) |
|---|---|
| **معيار**<br>Standard<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. پنهنجي علم ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ ٻُڌندڙن آڏو تقرير ڪري سگهي ۽ مذاڪري/ بحث مباحثي ۾ حصو وٺي سگهي. |
| **مرحليوار حد**<br>Benchmark | 1. اسڪول/ اسيمبلي/ ڪلاس / بزمِ ادب ۾ ڏنل موضوع تي خيالن جو اظهار (تقرير) ڪري سگهي. |
| **سکيا جي حاصلات**<br>Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. ڪنهن به فطري، اخلاقي يا قومي موضوع تي ڪلاس ۾ پنهنجي اندر جو آواز دُرست اُچار ۽ لهجي سان پيش ڪري سگهي.<br>2. پنهنجي تقرير ۾ محاورن، چوڻين ۽ شعرن جو وقتائتو استعمال ڪري سگهي.<br>3. تاثرات، جسماني چُرپر ۽ اشارن جي مدد سان تقرير کي اثرائتو بڻائي سگهي.<br>4. ڪنهن به موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ ٻن منٽن تائين تقرير ڪري سگهي. |

| Competency-6 | انشاپردازي (تخليقي تحرير) Creative Writing | |
|---|---|---|
| معيار Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) ☜ | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. تخليقي تحرير جي مهارتن کي استعمال ڪندي، پنهنجي اندر جي آواز کي فصاحت ۽ ترتيب سان لکي پيش ڪري سگهي.<br>2. ماحول بابت پنهنجن مشاهدن، خيالن، احساسن ۽ جاچ کي مختصر ڪهاڻي ۽ مضمون وغيره جي صورت ۾ مربوط، روان ۽ موزون انداز ۾ لکي سگهي. | |
| مرحليوار حد Benchmarks ☜ | 1. پنهنجن مشاهدن، تجربن ۽ خيالن کي مضمون نويسيءَ جي اصولن موجب پئراگراف/ مضمون جي صورت ۾ لکي سگهي. | 1. پنهنجي ماحول بابت جاچ ۽ مسئلن کي رسمي ۽ غير رسمي لکڻين ۾ پيش ڪري سگهي. |
| سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) ☜ | 1. پنهنجن مشاهدن، خيالن، جاچ کي آڏو رکي، ڪنهن فطري ، اخلاقي يا قومي موضوع تي ٻن سَوَن لفظن تي ٻڌل هڪ مضمون لکي سگهي.<br>2. مضمون جي مزاج موجب لکڻيءَ جي نموني جي چونڊ ڪري، لکي سگهي.<br>3. مضمون لکڻ وقت پنهنجن مشاهدن کي پيرائن ۾ ترتيب سان لکي سگهي.<br>4. پنهنجي لکڻيءَ کي عنوان، شروعات، متن ۽ پڇاڙيءَ وغيره کي ترتيب موجب لکي سگهي.<br>5. آکاڻيءَ تي ٻڌل نظم کي پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي. | 1. اسڪول ۽ مختلف ادارن (يونين ڪائونسل، صحت کاتو وغيره) کي درخواست لکي سگهي.<br>2. ڪنهن تصوير يا منظر کي آڏو رکي مختصر آکاڻي لکي سگهي.<br>3. ڪنهن بہ تاريخي ۽ تفريحي سير بابت خط لکي سگهي.<br>4. شاهہ عبداللطيفؒ جي شاعريءَ ۾ پيش ڪيل منظر نگاريءَ بابت لکي سگهي. |

| Competency-7 | زبان شناسي Language Cognition | | | |
|---|---|---|---|---|
| معيار<br>Standard<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. تحرير ۽ تقرير ۾ گرامر/ وياڪرڻ جو خيال رکي سگهي. | | | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. زمانن مطابق جملن جو درست استعمال ڪري سگهي. | 2. لفظن جي ذخيري جو درست استعمال ڪري سگهي. | 3. ڳالهائڻ جي لفظن ڪي سمجهي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي. | 4. عبارت ۾ صورتخطي ۽ ٻيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهي. |
| سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs) | 1. زمان حال استمراريءَ زمان ماضي استمراريءَ ۽ زمان مستقبل استمراريءَ موجب جملا جوڙي سگهي.<br>2. مفرد جملا سادن ۽ استمراري زمانن (حال، ماضي ۽ مستقبل) مطابق بدلائي سگهي. | 1. متن مان مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي نشاندهي ڪري سگهي.<br>2. هم معنىٰ لفظن ڪي سمجهي استعمال ڪري سگهي.<br>3. ساڳي صورت وارن لفظن جي مختلف معنائن ڪي سمجهي سگهي. | 1. صفت ۽ ان جي قسمن ڪي سمجهي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>2. ظرف ۽ ان جي قسمن ڪي سمجهي، جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>3. حرف جملي ڪي سمجهي، جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. | 1. ٻيهڪ جي نشانين (دم، اڌ دم، ڏنگين ۽ واڪ جي نشانين) جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>2. تنوين (اً) ۽ الف مقصوره (ىٰ) ڪي سمجهي، ان جو استعمال ڪري سگهي. |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | 3. زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل جي فرق کي سمجهي جملا جوڙي ۽ بدلائي سگهي.<br>4. زمانن موجب مختلف قسمن جا جملا (بياني، سوالي، امري ۽ ندائي) ٺاهي سگهي.<br>5. زمان حال موجب، فاعل جو فعل سان ڦيرو (گردان) ڪري سگهي.<br>6. زمان حال جي جملن کي امري جملن ۾ بدلائي سگهي. | 4. اعرابن (زبر، زير ۽ پيش) لڳائڻ سان لفظن جي معنىٰ جي تبديليءَ کي سمجهي، جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.<br>5. حرف اضافت (جو، جي، جا وغيره ) جي استعمال کي سمجهي سگهي.<br>6. لفظ جي آخري اعراب موجب، واحد کي جمع ۽ جمع کي واحد ۾ تبديل ڪري سگهي.<br>7. لغت مان لفظن جي معنىٰ ڳولي، مفهوم سمجهي ۽ استعمال ڪري سگهي.<br>8. ڏنل لفظن جي مدد سان ڪهاڻي ٺاهي سگهي.<br>9. شعر ۾ رديف جي سڃاڻپ ڪري سگهي.<br>10. تجنيس حرفي ۽ تجنيس تام جي سڃاڻپ ڪري سگهي.<br>11. لفظن جا ضد سمجهي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي. | 4. حرف ندا (خوشي، عجب، افسوس، ارمان، تمنا وغيره) جو جملن ۾ درست استعمال ڪري سگهي.<br>5. اسم ذات (ڪم، حالت ۽ خاصيت) کي سمجهي سگهي.<br>6. ضمير ۽ ان جا قسم سمجهي سگهي.<br>7. حرف جر جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>8. فعل کي سمجهي ان کي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي. | |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | 12. تشبيهه کي سمجهي، جملي ۾ ڪم آڻي سگهي.<br>13. محاوري کي سمجهي، جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.<br>14. چوڻيءَ جي مفهوم کي سمجهي سگهي.<br>15. لفظن جي اڳياڙين ۽ پڇاڙين کي سمجهي، نوان لفظ ٺاهي سگهي.<br>16. شاهه عبداللطيف ؒ جي بيتن ۾ آيل نون لفظن جي معنيٰ ڄاڻي سگهي.<br>17. اسم عام ۽ اسم خاص جي فرق کي سمجهي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>18. ٻڌن لفظن جي ترڪيب کي سمجهي، جملوجوڙي سگهي. | | |

| Competency-8 | استحسان (پسنديدگي ۽ تنقيد) Appreciation and Criticism | |
|---|---|---|
| **معيار**<br>Standard<br>(ڇهين کان ائين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. ڪنهن به تحرير (نظم ۽ نثر) جي فني ۽ فڪري خوبين ۽ اوڻاين جو ادراڪ ڪري سگهي. | |
| **مرحليوار حد**<br>Benchmarks | 1. نثر جي صنفن (مضمون، ڪهاڻي، مڪالمو وغيره) جي اسلوب کي سمجهي سگهي. | 2. نظم جي صنفن (حمد، نعت، ترانو، گيت وغيره) جو فني ۽ فڪري حوالي سان ادراڪ ڪري سگهي. |
| **سکيا جي حاصلات**<br>Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. شين جي ظاهري خوبصورتيءَ بابت پنهنجا مشاهدا بيان ڪري سگهي.<br>2. ڪهاڻين جي ڪردارن جي مثبت ۽ منفي روين کي نظر ۾ رکندي، پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. واقعن کي پڙهي يا ٻڌي پنهنجي ردِ عمل جو اظهار ڪري سگهي.<br>4. عبارت پڙهي ان جي جزن: شروعات، نفسِ مضمون ۽ پڇاڙيءَ تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.<br>5. ڪهاڻي پڙهي ان جي اخلاقي نتيجن تي خيالن جو اظهار ڪري سگهي.<br>6. مڪالما پڙهي/ ٻڌي ان جي حاصل مطلب/ مقصد کي سمجهي سگهي.<br>7. لطيفن، چوڻين، پهاڪن ۽ ٽوٽڪن کي پڙهي/ ٻڌي پنهنجي پسند جو اظهار ڪري سگهي.<br>8. ڪنهن به فن پاري جي جوڙ جڪ ۽ گرامر جي اصولن تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي. | 1. نظم سر ۽ لئه سان پڙهي/ ٻڌي ان مان لطف اندوز ٿي سگهي.<br>2. نظم جي لئه ۽ آهنگ کي سمجهي سگهي.<br>3. مزاحيه نظم پڙهي/ ٻڌي پنهنجن تاثراتن جو اظهار ڪري سگهي.<br>4. ڪنهن به نظم جو مرڪزي خيال، اهم نڪتا ۽ تت ڪڍي سگهي ۽ ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي. |

| Competency-9 | زندگيءَ جون مهارتون Life Skills | | |
|---|---|---|---|
| معيار<br>Standards<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. عام زندگي ۾ روز مره جي مسئلن ۽ معاملن بابت، ڪنهن روئداد، واقعي جو اطلاع، زباني ۽ تحريري انداز سان اظهار ڪري سگهي.<br>2. پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا وسيلي اضافي مطالعي جو رَوَيو پيدا ڪري سگهي.<br>3. انفارميشن ٽيڪنالاجي ذريعي سنڌي ٻوليءَ جو استعمال سِکي ۽ ان جو عملي مظاهرو ڪري سگهي. | | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. روز مره جي مسئلن جو زباني ۽ تحريري اظهار ڪري سگهي. | 2. اضافي مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهي. | 3. ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪري سگهي. |
| سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs) | 1. روز مره جي زندگيءَ جي مسئلن ۽ واقعن ۾ پنهنجي ڄاڻ، مشاهدن ۽ تجربن بابت ڳالهائي سگهي.<br>2. پنهنجي ذات ۽ ماحول سان لاڳاپيل مسئلن ۽ ڪمن بابت درخواست ۽ خط وغيره لکي بيان ڪري سگهي.<br>3. ڪنهن به سفر، ماڳ مڪان، ڏڻ وغيره جا تفصيل ترتيب سان لکي ۽ بيان ڪري سگهي.<br>4. بجلي، پاڻي ۽ گئس جي درست استعمال جي ڄاڻ حاصل ڪري ۽ انهن جا بِل پڙهي سگهي. | 1. درسي ڪتابن کان سواءِ ٻيا ڪتاب پڙهِي انهن جي حاصل مطلب سمجهي سگهي.<br>2. ٻارن جا رسالا ۽ اخبارون وغيره پڙهي سگهي.<br>3. اخبارن ۽ رسالن لاءِ ساديون عبارتون مختصر خبرون ۽ خط وغيره لکي سگهي.<br>4. ڊرامن ۽ مختلف پروگرامن ۾ عملي طرح سان شريڪ ٿي سگهي.<br>5. لائبريريءَ جو استعمال ڪري سگهي. | 1. سنڌي ٻوليءَ ۾ اِي - ميل ڪري ۽ پڙهي سگهي.<br>2. ڪمپيوٽر تي سنڌيءَ ۾ ٽائپنگ ڪري سگهي.<br>3. ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ تان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏنل علمي، ادبي ۽ تفريحي مواد ڳولي ۽ پڙهي سگهي.<br>4. اي ٽي ايم جو استعمال ڄاڻي سگهي.<br>5. واٽس ايپ ۽ ٽيڪسٽ ميسيج ۾ سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال ڪري سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 5. قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾، پنهنجي ۽ ٻين جي بچاءُ بابت ڄاڻي سگهي.<br>6. کاڌي، صحت ۽ صفائيءَ بابت معلومات پاڻ به حاصل ڪري ۽ ٻين کي پڻ ٻڌائي سگهي.<br>7. اسڪول ۾ منعقد ٿيندڙ تقريبن ۾ ميزبانيءَ جا فرض سر انجام ڏئي سگهي.<br>8. ثقافتي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهي.<br>9. ماحول ۽ سماجي واقعن (راندين، ملاڪڙن، ثقافتي ڏڻن، تقريبن وغيره) بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهي.<br>10. ماحوليات (وڻن، ٻوٽن، ڍنڍن ڍورن، پکي پکڻن ۽ فطري نظارن) بابت پنهنجي محسوسات جو اظهار ڪري سگهي.<br>11. ٻارن جي حقن ۽ انهن جي بچاءَ بابت ڄاڻي سگهي.<br>12. انساني حقن جي اهميت بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي. | 6. روزانو اخبار پڙهڻ کي معمول بڻائي سگهي.<br>7. سُٺ سماءَ جي مختلف پروگرامن بابت احوال بيان ڪري سگهي. | |

| Competency-1 | ٻڌڻ Listening | | |
|---|---|---|---|
| **معيار** Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. نوَ هزار لفظن ۽ ترڪيبن جو احاطو ڪري سگهي.<br>2. روز مرهه جي ڳالهه ٻولهه ٻُڌي، مفهوم پروڙي راءِ ڏئي سگهي.<br>3. سنڌيءَ ۾ واقعن، آکاڻين، ڊرامن، تقريرن، هدايتن، حڪمنامن ۽ اعلانن کي ٻڌي، ڳالهائيندڙ جي مقصد کي ڇنڊ ڇاڻ سمجهي، تجزيو ڪري سگهي. | | |
| **مرحليوار حد** Benchmarks | 1. ڳهڻ ۾ ڳهٽ اَٺ هزارن تائين لفظ ۽ ترڪيبون ٻڌي، دُرست استعمال ڪري سگهي. | 2. روزمرهه جي سماجي ۽ ثقافتي گفتگو ٻڌي، راءِ ڏئي سگهي. | 3. سنڌيءَ ۾ واقعا، ڪهاڻيون، تقريرون، هدايتون، اعلان ۽ گيت ٻڌي، سمجهي سگهي. |
| **سکيا جي حاصلات** Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. ٻڌي، معلومات حاصل ڪري، سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>2. روانيءَ سان ڳالهايل لفظن کي ٻُڌي ، مفهوم سمجهي ۽ استعمال ڪري سگهي.<br>3. لفظن ۽ ترڪيبن کي ٻڌي، استعمال ڪري سگهي.<br>4. پهاڪن ۽ چوڻين کي ٻڌي، مفهوم سمجهي سگهي. | 1. ڳالهايل جملن جي ترتيب کي ٻُڌي، سمجهي سگهي.<br>2. سماجي ۽ ثقافتي موضوعن تي گفتگو ٻڌي، پنهنجو رد عمل ظاهر ڪري سگهي.<br>3. روز مرهه جي ڪاروهنوار ۾ ڪيل گفتگو ٻُڌي، سمجهي، ان جو نتيجو ڪڍي سگهي.<br>4. سُٺ سماءَ جي ذريعن (ريڊيو، ٽيليويزن، سوشل ميڊيا، فيس بُڪ ۽ انسٽاگرام وغيره) تان سماجي ۽ ثقافتي خبرون، ڊراما ۽ فيچر ٻُڌي، انهن جا اهم نُڪتا سمجهي سگهي. | 1. ڪو بہ واقعو ٻڌي ، پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهي.<br>2. تقريرون، هدايتون، اشتهار ۽ اعلان ٻُڌي، انهن جو تجزيو ڪري سگهي.<br>3. گيت ٻُڌي، ان جي سمجهاڻي ۽ مرڪزي خيال کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.<br>4. ڪهاڻي ٻُڌي، ڪردارن بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي. |

| Competency-2 | ڳالهائڻ Speaking | | |
|---|---|---|---|
| معيار Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ نو هزار لفظن ۽ ترڪيبن کي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>2. روز مره جي معاملن (سماجي ، ثقافتي، معاشي) بابت ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.<br>3. سنڌيءَ ۾ سُڌ سماءُ جي ذريعن وسيلي ڪهاڻين، ڊرامن، واقعن، تقريرن، هدايتن، حڪمنامن ۽ اعلانن کي ٻڌي بيان ڪري سگهي. | | |
| مرحليوار حد Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ اٺ هزار لفظ ڳالهائي سگهي. | 2. سماجي ۽ ثقافتي معاملن ۽ تقريبن بابت ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺي سگهي. | 3. سُڌ سماءُ جي ذريعن وسيلي واقعن، ڪهاڻين، تقريرن، هدايتن ۽ حڪمنامن کي ٻڌي بيان ڪري سگهي. |
| سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. پنهنجي معلومات کي بيان ڪندي ردِ عمل کي گفتگو ۾ شامل ڪري سگهي.<br>2. ڪنهن به ڳالهه کي خاص اُچار، لهجي لئه ۽ ادائگيءَ سان ورجائي سگهي.<br>3. مقرر يا ليکڪ جي مقصد کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي. | 1. ڪنهن به خوشي ۽ غم جو اظهار پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.<br>2. روز مره جي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ واقعن بابت ٻڌائي سگهي.<br>3. اسڪول، گهر ۽ آس پاس ۾ ٿيندڙ تقريبن بابت ٻڌائي سگهي. | 1. سڌُ سماءُ جي ذريعن وسيلي بيان ڪيل واقعن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>2. هدايتن ۽ حڪمنامن کي ٻڌي بيان ڪري سگهي.<br>3. واقعن ۽ ڪهاڻين کي ٻڌي انهن جي ڪردارن بابت ٻڌائي سگهي. |

| Competency-3 | Reading پڙهڻ | | |
|---|---|---|---|
| **معيار** Standards (چهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. بنيادي خيال کي آڏو رکندي (نثر ۽ نظم) کي درست ۽ رواني‌ءَ سان پڙهي سگهي.<br>2. عام مطالعي جو رَوَيو پيدا ڪري سگهي.<br>3. علمي، ادبي، صحافتي ۽ دفتري عبارت پڙهي سگهي. | | |
| **مرحليوار حد** Benchmarks | 1. عبارتن کي درست اُچار ۽ رواني‌ءَ سان سمجهي پڙهي سگهي. | 2. نثر ۽ نظم (ڪهاڻي، مضمون ۽ نظم) جي فرق ۽ ان جي جوڙجڪ جو ادراڪ ڪري، سمجهي پڙهي سگهي. | 3. ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل (ڪمپيوٽر وغيره) تي آيل مواد کي پڙهي، عام مطالعي جو رَوَيو پيدا ڪري سگهي. |
| **سکيا جي حاصلات** Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. سادي عبارت کي رواني، لاهه چاڙهه (جهيلار) لهجي، شدت ۽ رفتار سان سلسليوار پڙهي سگهي.<br>2. نظم کي سُر، لئه ۽ تحت الفظ سان پڙهي لطف حاصل ڪري سگهي.<br>3. بيهڪ جي نشانين کي ڌيان ۾ رکي درست لهجي ۾ پڙهي سگهي.<br>4. عبارت ۾ ڪَتب آندل نون لفظن کي سمجهي، درست اُچار سان پڙهي سگهي.<br>5. عبارت پڙهي، سوالن جا جواب ڏيئي سگهي. | 1. نثر ۽ نظم جي فرق کي سمجهي، پڙهي سگهي.<br>2. ڪهاڻي، درامي، مضمون ۽ نظم جي شروعات، پڄاڻي، حاصل مطلب يا واقعي جي تسلسل کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>3. محاورن، چوڻين، پهاڪن ۽ اصطلاحن کي پڙهي درست استعمال ڪري سگهي.<br>4. سادين تصويرن ۽ تحريرن کي سمجهي، پڙهي سگهي. | 1. ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد جي فرق کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>2. ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي مليل مختلف معلومات کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>3. اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڇپيل ڪهاڻين، نظمن، فيچرن، خطن، اشتهارن کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>4. ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي ڏنل آڪاٽيون، تصويري آڪاٽيون، ڪارٽون ۽ نظم ڏسي پڙهي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 6. عبارت پڙهي ان جو مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.<br>7. عبارت پڙهي ان کي عنوان ڏئي سگهي.<br>8. لفظ ۽ جملا درست اچار ۽ روانيءَ سان پڙهي سگهي. | 5. ڪهاڻي، ڊرامي ۽ واقعي کي پڙهي ان جي ڪردارن بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي. | 5. اخبارن ۽ رسالن ۾ مختلف علمي ۽ ادبي مضمون سمجهي، پڙهي سگهي.<br>6. لطيفن ۽ پرولين ۾ لڪل ڏاهپ کي سمجهي، پڙهي لطف اندوز ٿي سگهي. |

| Competency-4 | لکڻ Writing | | |
|---|---|---|---|
| **معيار** Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. ڪنهن به عبارت (نظم ۽ نثر) کي پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي.<br>2. پنهنجي دل جي ڳالهه (ماضي الضمير) کي تحرير جي مختلف نمونن (مضمون، ڪهاڻي، نظم ، روزنامچي، ڊرامي) ۾ استعمال ڪندي، مربوط انداز ۾ لکي سگهي.<br>3. رسمي ۽ غيررسمي تحرير جي انداز ۾ فرق کي آڏو رکندي، گرامر ۽ لفظن جي ذخيري جو مناسب استعمال ڪري سگهي. | | |
| **مرحليوار حد** Benchmarks | 1. عبارت (نظم ۽ نثر ) پڙهي ان بابت لکي سگهي. | 2. مضمون، ڪهاڻي ۽ مڪالما پڙهي /ٻڌي پنهنجي راءِ لکي سگهي. | 3. رسمي ۽ غير رسمي تحرير ۾ لفظن ۽ ترڪيبن جو مناسب استعمال ڪري سگهي. |
| **سکيا جي حاصلات** Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. سبق (نظم، نثر) پڙهي سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>2. سبق پڙهي خلاصو لکي سگهي.<br>3. ڪنهن به عبارت موجب ڇو، ڇا ، ڪيئن ۽ ڪڏهن جهڙن سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>4. درسي متن کانسواءِ ڪنهن به اڻڏٺل عبارت کي ٻڌي يا پڙهي سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>5. بيت يا شعر پڙهي ان جي حوالن ذريعي سمجهاڻي لکي سگهي. | 1. ڪهاڻي يا واقعو ٻڌي / پڙهي ان جي ڪردارن بابت پنهنجي راءِ لکي سگهي.<br>2. سُڌ سماءَ جي ذريعن تان ڄاڻ حاصل ڪري پنهنجي راءِ لکي سگهي.<br>3. روز مره جا مشاهدا مناسب لفظن ۾ لکي سگهي.<br>4. مختلف مضمون پڙهي انهن جي جزن موجب پنهنجي راءِ لکي سگهي.<br>5. مختصر مضمون ڪهاڻي ۽ مڪالما لکي سگهي. | 1. اسڪول جي هيڊ ماستر / هيڊ ماسترياڻي کي موڪل وٺڻ يا اسڪول جي مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ درخواست لکي سگهي.<br>2. پنهنجي گهر ڳوٺ يا شهر سان لاڳاپيل مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ اعلي عملدارن کي درخواستون لکي سگهي.<br>3. پنهنجي والدين، مائٽن،دوستن ۽ استادن ڏانهن خط لکي سگهي.<br>4. اخبار جي ايڊيٽر ڏانهن خط لکي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 6. مضمون يا ڪهاڻي لکڻ وقت ان جي جزن (شروعات ، متن ۽ پڇاڙيءَ وغيره) جو خيال رکي لکي سگهي<br>7. اخبارن ۽ رسالن جي صحافتي اندازِ بيان جو نقل ڪري سگهي.<br>8. نظم جو مفهوم يا بنيادي خيال لکي سگهي. | | 5. اخبار جي ايڊيٽر کي وڌندڙ ماحولياتي گدلاڻ بابت خط لکي سگهي.<br>6. اخبار جي ايڊيٽر کي پنهنجي علائقي ۾ لائيبريريءَ جي ضرورت بابت خط لکي سگهي.<br>7. سادي رسيد لکي سگهي. |

| Competency-5 | تقرير (Speech) |
|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي تہ:<br>1. پنهنجي علم ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ ٻُڌندڙن آڏو تقرير ڪري سگهي ۽ مذاڪري/ بحث مباحثي ۾ حصو وٺي سگهي. |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmark | 1. اسڪول جي سطح تي تقريري مقابلن ۽ مذاڪرن ۾ حصو وٺي سگهي. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs) | 1. عام موضوعن تي في البديه روانيءَ سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ منٽ تقرير ڪري سگهي.<br>2. ڏنل موضوع تي معلومات گڏ ڪري ٽن منٽن تائين خيالن جو اظهار (تقرير) ڪري سگهي.<br>3. اسڪول جي سطح تي ٿيندڙ مذاڪرن ۾ تياري ڪري حصو وٺي سگهي.<br>4. پنهنجي تقرير ۾ محاورن، چوٽين ۽ شعرن جو موقعي مهل موجب استعمال ڪري سگهي.<br>5. دُرست اُچار، مناسب لهجي، تاثرات ۽ اعتماد سان تقرير ڪري سگهي.<br>6. شاهہ عبداللطيف ؒ جي شاعريءَ بابت تقرير ۽ مذاڪري ۾ حصو وٺي سگهي. |

| Competency-6 | انشاپردازي (تخليقي تحرير) Creative Writing | |
|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standards<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. تخليقي تحرير جي مهارتن کي استعمال ڪندي، پنهنجي اندر جي آواز کي فصاحت ۽ ترتيب سان لکي پيش ڪري سگهي.<br>2. ماحول بابت پنهنجن مشاهدن، خيالن، احساسن ۽ ڄاڻ کي مختصر ڪهاڻي ۽ مضمون وغيره جي صورت ۾ مربوط، روان ۽ موزون انداز ۾ لکي سگهي. | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. پنهنجن مشاهدن ۽ خيالن کي مضمون نويسيءَ جي اصولن موجب گهٽ ۾ گهٽ ٻن پيراگرافن ۾ لکي سگهي. | 2. پنهنجي ماحول بابت معلومات ۽ مسئلن کي رسمي ۽ غير رسمي تحريرن (درخواست، خط، ڪهاڻي) ۾ پيش ڪري سگهي. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs) | 1. پنهنجن مشاهدن ۽ خيالن کي پيرائن جي صورت ۾ ترتيبوار لکي سگهي.<br>2. پنهنجن مشاهدن، خيالن، لکڻ وقت زبان جي صحت (صورتخطي/ املا، گرامر، اعرابن وغيره) جو خيال رکي سگهي.<br>3. ڪنهن فطري، اخلاقي يا قومي موضوع تي پنهنجن مشاهدن ۽ خيالن جو اظهار ٽن سَوَن لفظن تي مشتمل مضمون جي صورت ۾ لکي سگهي.<br>4. پنهنجي دلچسپي موجب ڪنهن به موضوع تي پنهنجن مشاهدن، خيالن، معلومات کي گهٽ ۾ گهٽ ٻن پيراگرافن ۾ مربوط ۽ روان انداز ۾ لکي سگهي.<br>5. شاهه عبداللطيفؒ جي شاعريءَ بابت مضمون لکي سگهي. | 1. پنهنجي لکڻيءَ کي با معنیٰ بنائڻ لاءِ محاورن، چوڻين، شعرن جو موقعي محل سان استعمال ڪري سگهي.<br>2. پنهنجن احساسن ۽ جذبن ۽ خيالن جي آڌار تي منظرنگاري ۽ مڪالما نگاري موجب وٽندڙ آکاڻي لکي سگهي.<br>3. تصويرون ڏسي ڪاوٽندڙ ۽ تفريحي آکاڻي لکي سگهي.<br>4. پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي سگهي.<br>5. پنهنجن احساسن ۽ جذبن جو اظهار شعر جي صورت ۾ لکي سگهي.<br>6. خط جي حصن کي آڏو رکي پنهنجي والدين، رشتيدارن ۽ دوست يا استاد کي خط لکي سگهي.<br>7. مختلف مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ اعلیٰ عملدارن کي درخواستون لکي سگهي.<br>8. غير رسمي خط لکي سگهي. |

| Competency-7 | زبان شناسي Language Cognition | | | |
|---|---|---|---|---|
| معيار<br>Standard<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. تحرير ۽ تقرير ۾ گرامر/ وياڪرڻ جو خيال رکي سگهي. | | | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. جملن ۾ زمانن جو درست استعمال ڪري سگهي. | 2. لفظن جي ذخيري جو درست استعمال ڪري سگهي. | 3. ڳالهائڻ جي لفظن کي سمجهي درست استعمال ڪري سگهي. | 4. عبارت ۾ ٻيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهي. |
| سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs) | 1. زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل جي فرق کي سمجهي جملن کي بدلائي سگهي.<br>2. زمان ماضي قريب موجب جملا جوڙي سگهي.<br>3. زمان ماضي بعيد موجب جملا جوڙي سگهي.<br>4. ماضي قريب ۽ بعيد مطابق جملا بدلائي سگهي. | 1. متن مان مذڪر ۽ مؤنث لفظن جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>2. هم معنیٰ ۽ هم صورت لفظن جي معنیٰ جي فرق کي سمجهي سگهي.<br>3. متضاد لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.<br>4. واحد کي جمع ۽ جمع کي واحد ۾ تبديل ڪري سگهي. | 1. صفت جي قسمن کي سمجهي، جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.<br>2. ظرف ۽ ان جي قسمن کي سمجهي، جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>3. حرف جملي جي قسمن کي سمجهي، جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. | 1. ٻيهڪ جي نشانين (دم، ٿورودم، اڌ دم، سواليہ، ڏنگين، واڪ جي نشانين) جو درست استعمال ڪري سگهي. |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | 5. زمان مضارع موجب جملا سمجهي سگهي.<br>6. زمان ماضيءَ موجب، فاعل ۽ مفعول جو فعل سان ڦيرو (گردان) ڪري سگهي. | 5. لغت مان لفظن جي معنيٰ ڳولي درست استعمال ڪري سگهي.<br>6. لفظن ۾ ڪم ايندڙ اڳياڙين ۽ پڇاڙين کي سمجهي، انهن کي استعمال ڪري سگهي.<br>7. شعر ۾ قافيي جي سڃاڻپ ڪري سگهي.<br>8. ٻڻن لفظن کي سمجهي انهن جو درست استعمال ڪري سگهي .<br>9. شعر ۾ تجنيس تام ۽ ناقص جي سڃاڻپ ڪري سگهي.<br>10. استعاري کي سمجهي، جملي ۾ ڪم آڻي سگهي.<br>11. اصطلاح جي مفهوم کي سمجهي، جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.<br>12. پهاڪي جي مفهوم کي سمجهي سگهي.<br>13. تشبيهه جي مفهوم کي سمجهي جملا جوڙي سگهي. | 4. حرف ندا (خوشي، عجب، افسوس، ارمان، تمنا وغيره) جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>5. اسم ذات (ڪم، حالت ۽ خاصيت) کي سمجهي، جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>6. فعل متعدي معروف کي فعل متعدي مجهول ۾ بدلائي سگهي.<br>7. فعل ۽ ان جا قسم ( لازمي ۽ متعدي) سمجهي جملا ٺاهي سگهي. | |

| | | |
|---|---|---|
| Competency-8 | استحسان (پسنديدگي ۽ تنقيد) Appreciation and Criticism | |
| معيار<br>Standard<br>(ڇهين کان اٺين<br>درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي تہ:<br>1. ڪنهن بہ تحرير (نظم ۽ نثر) جي فني ۽ فڪري خوبين ۽ اوڻاين جو ادراڪ ڪري سگهي. | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. نثر جي صنفن (مضمون، ڪهاڻي، ڊرامو وغيره) جي لکڻ جي انداز کي سمجهي سگهي. | 2. نظم جي صنفن (حمد، نعت، ترانو، گيت وغيره) جي بيان جي اسلوب کي سمجهي سگهي. |
| سکيا جي حاصلات<br>Student Learning<br>Outcomes<br>(SLOs) | 1. فطرت جي منظرن جو حُسن بيان ڪري سگهي.<br>2. فنون لطيفہ سان لاڳاپيل شهہ پارن، تصويرن ، عمارتن ۽ آرٽ وغيره تي راءِ ڏئي سگهي.<br>3. عبارت پڙهي (شروعات، نفس مضمون، پڇاڙيءَ) بابت پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.<br>4. ڊرامو ڏسي/ پڙهي ان جي ڪردارن تي راءِ ڏئي سگهي.<br>5. ڪهاڻي پڙهي، ان جي نتيجن بابت خيالن جو اظهار ڪري سگهي.<br>6. ڪنهن بہ تحرير ۾ چوڻين، پهاڪن، ڳجهارتن، ٽوٽڪن ۽ پرولين ۾ موجود ڏاهپ جي نڪتن کي سمجهي، پنهنجي ردِ عمل جو اظهار ڪري سگهي. | 1. نظم جي صوتي ڪيفيتن مان لطف اندوز ٿي سگهي.<br>2. نظم پڙهي/ ٻڌي ان جي فني ۽ فڪري خوبين تي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. مزاحيہ نظم پڙهي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| Competency-9 | زندگيءَ جون مهارتون Life Skills | | |
| ☜ معيار Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. عام زندگي ۾ روز مره جي مسئلن ۽ معاملن بابت، ڪنهن روئداد ، واقعي جو اطلاع، زباني ۽ تحريري انداز سان اظهار ڪري سگهي.<br>2. پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا وسيلي اضافي مطالعي جو رُويو پيدا ڪري سگهي.<br>3. انفارميشن ٽيڪنالاجي ذريعي سنڌي ٻوليءَ جو استعمال سِکي ۽ ان جو عملي مظاهرو ڪري سگهي. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. سماجي يا اخلاقي مسئلن ۽ معاملن بابت انفرادي ڪردار ادا ڪري سگهي ۽ ان جو اظهار ڪري سگهي. | 2. اضافي مطالعي جو رُويو پيدا ڪري سگهي. | 3. ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪري سگهي. |
| ☜ سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. روز مره جي زندگيءَ جي مسئلن واقعن بابت پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن جي روشنيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.<br>2. پنهنجي مسئلن جو تحريري اظهار ڪري سگهي.<br>3. مختلف واقعن، سير سفر، تقريبن ۽ ڏڻن جو احوال تفصيلي طور بيان ڪري سگهي.<br>4. سڌ سماءُ جي مختلف پروگرامن ۾ سماجي ۽ ثقافتي حوالن سان ڳالهائي سگهي.<br>5. شادي ۽ ٻين تقريبن جا دعوت نامہ لکي سگهي.<br>6. ٽرئفڪ بابت اشارن، هدايتن ۽ نشانين کي سمجهي ۽ عمل ڪري سگهي. | 1. عام نوعيت جا ڪتاب ۽ معلوماتي مواد پڙهي سمجهي سگهي<br>2. ٻارن جا رسالا ۽ ڪتاب پڙهي، پاڻ بہ تخليقي اظهار ڪري سگهي<br>3. ڊرامي وغيره ۾ حصو وٺي پنهنجو ڪردار نروار ڪري سگهي.<br>4. لائبريريءَ جو استعمال ڪندي ڪتابن جو مطالعو ڪري سگهي.<br>5. اخبار ۾ ڏنل مواد، ڪالم، خبر ، فيچر ۽ ٻيو مواد پڙهي، سمجهي ۽ ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي. | 1. سنڌي ٻوليءَ ۾ اِي - ميل، فيس بڪ، واٽس ايپ، ۽ ٽيڪسٽ ميسيج پڙهي، لکي ۽ موڪلي سگهي.<br>2. ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ تان عام معلومات حاصل ڪري سگهي.<br>3. ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تان علمي، ادبي ۽ تفريحي موادڳولي ۽ اُتاري سگهي.<br>4. ٻارن جي ڪهاڻين، نظمن، ڪارٽونن، سائنسي ۽ ٻيو معلوماتي مواد، آڊيو، وڊيو ۽ سيڊيز ذريعي حاصل ڪري سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 7. صحت جي حفاظت، وبائي بيمارين (ڪرونا ۽ ٻين، پڪڙجندڙ بيمارين وغيره) جي بابت ڄاڻي ۽ ان کان بچاءُ بابت اُپاءَ وٺي سگهي.<br>8. عورتن جي حقن ۽ صنفي برابريءَ بابت ڄاڻي سگهي.<br>9. ماحوليات جي گدلاڻ کان بچاءُ جي اُپاءَ لاءِ ڪردار ادا ڪري سگهي.<br>10. پنهنجي ذاتي حفاظت بابت ڄاڻ حاصل ڪري، بچاءُ ڪري سگهي.<br>11. عملي زندگيءَ ۾ مثبت سماجي روين، برداشت، سهپ ، امن، ڀائيچارو ، رواداري ۽ مذهبي هم آهنگي جو اظهار ڪري سگهي.<br>12. پاڻيءَ جي اهميت، ضرورت ۽ درست استعمال بابت ڄاڻي سگهي.<br>13. پکين ۽ جانورن سان سٺو ورتاءُ ڪري سگهي. | 6. اخبارن ۾ ٻارن جا ادبي صفحا پڙهي ۽ پنهنجون لکڻيون ڇپجڻ لاءِ موڪلي سگهي.<br>7. ٻارن جي ادبي، سائنسي ۽ تعليمي ميلن ۾ شريڪ ٿي حصو وٺي سگهي.<br>8. ڪنهن به تحرير (نثر ۽ نظم) جي پسنديدگي جو سبب ٻڌائي سگهي<br>9. سُڌ سماءَ جي ذريعن وسيلي نشر ٿيندڙ ٻاراڻن پروگرامن جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.<br>10. آکاڻي ، مضمون نويسي، تقريري مقابلن، مصوري موسيقي ، راندين جي مقابلن ۽ ڇٽا پيٽين ۾ حصو وٺي ۽ انهن جو احوال پڙهي ۽ لکي سگهي. | |

| Competency-1 | Listening ٻڌڻ | | |
|---|---|---|---|
| معيار Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. نوَ هزار لفظن ۽ ترڪيبن جو احاطو ڪري سگهي.<br>2. روز مرهه جي ڳالهه ٻولهه ٻُڌي، مفهوم پروڙي، راءِ ڏئي سگهي.<br>3. سنڌيءَ ۾ واقعن، آکاڻين، ڊرامن، تقريرن، هدايتن، حڪمنامن ۽ اعلانن کي ٻڌي ، ڳالهائيندڙ جي مقصد کي چٽيءَ ريت سمجهي، تجزيو ڪري سگهي. | | |
| مرحليوار حد Benchmarks | 1. نوَ هزار لفظ ۽ ترڪيبون ٻُڌي، سمجهي ۽ دُرست استعمال ڪري سگهي. | 2. روزمرهه جي سماجي، ثقافتي ۽ معاشي گفتگو ٻڌي، راءِ ڏئي سگهي. | 3. سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون، ڊراما، واقعا، تقريرون، هدايتون، حڪمناما، اعلان ۽ نظم ٻڌي، سمجهي سگهي. |
| سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. ڪا به ڳالهه ٻُڌي، سمجهي، ان مان نتيجو ڪڍي سگهي.<br>2. مرڪب ۽ مرتب لفظ ٻڌي، سمجهي استعمال ڪري سگهي.<br>3. محاورن ۽ اصطلاحن کي ٻڌي ، سمجهي ۽ استعمال ڪري سگهي.<br>4. لفظ ۽ ترڪيبون ٻڌي سمجهي استعمال ڪري سگهي. | 1. پيغام ٻڌي، ان جو تجزيو ڪري سگهي.<br>2. ڪنهن به موضوع تي گهر، اسڪول، شهر ۽ ڳوٺ ۾ گفتگو ٻُڌي، راءِ ڏئي سگهي.<br>3. هاڪاري ، ناڪاري، سواليه ۽ عجب وارن جملن واري گفتگو ٻُڌي، سمجهي سگهي.<br>4. تشبيهن، استعارن، چوڻين ۽ پهاڪن کي ٻُڌي، سمجهي ۽ ورجائي سگهي. | 1. مخاطب جي ڳالهه ٻڌي، ان جي مراد ۽ مقصد کي سمجهي، راءِ ڏئي سگهي.<br>2. ڪهاڻيون، ڊراما، واقعا، تقريرون ۽ اعلان ٻُڌي، انهن جو تجزيو ڪري، راءِ ڏئي سگهي.<br>3. نظم ٻُڌي، ان جي مرڪزي خيال ۽ حاصل مطلب کي، پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.<br>4. هدايتون، اعلان وغيره ٻڌي، سمجهي ۽ بيِن تائين پهچائي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 5. ڪهاڻي ٻُڌي ، ان جي ڪردارن ، مرڪزي خيال بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي. | 5. خبرن، ڊرامن ۽ فيچرن کي ٻڌي، انهن ۾ آيل اهم نڪتن جو تجزيو ڪري سگهي. | | |

| Competency-2 | Speaking ڳالهائڻ | | |
|---|---|---|---|
| **معيار**<br>Standards<br>**(ڇهين کان اٺين**<br>**درجي تائين)** | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ نو هزار لفظن ۽ ترڪيبن کي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>2. روز مره جي معاملن (سماجي ، ثقافتي، معاشي) بابت ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.<br>3. سنڌيءَ ۾ سڌ سماءُ جي ذريعن وسيلي ڪهاڻين، نظمن، ڊرامن، واقعن، تقريرن، هدايتن، حڪمنامن ۽ اعلانن کي ٻڌي بيان ڪري سگهي. | | |
| **مرحليوار حد**<br>Benchmarks | 1.گهٽ ۾ گهٽ نَوَ هزار لفظ ڳالهائي سگهي. | 2.سماجي، ثقافتي ۽ معاشي معاملن بابت ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺي سگهي. | 3.سنڌيءَ ۾ واقعو، ڪهاڻي، نظم، تقرير، اعلان ۽ هدايت ٻڌي / پڙهي انهن جي مراد ۽ مقصد بابت گفتگو ڪري سگهي. |
| **سکيا جي حاصلات**<br>Student Learning<br>Outcomes<br>(SLOs) | 1. معلومات کي بيان ڪري، پنهنجو ردِ عمل ۽ تجزيو به گفتگو ۾ شامل ڪري سگهي.<br>2. اسڪول جي سطح تي منعقد ٿيندڙ پروگرامن ۾ ڪمپيئرنگ ڪري سگهي.<br>3. ڪنهن به موضوع تي ڳالهائڻ وقت عام اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوڻين کي ڪتب آڻي سگهي.<br>4. ڪنهن به ڳالهه کي خاص اچار ، لهجي ادائگيءَ سان ،ٻيهڪ جي نشانين ۽ آواز جي لاهه چاڙهه سان ورجائي سگهي. | 1. روز مره جي گهرجن بابت گفتگو ڪري سگهي.<br>2. سڌ سماءَ جي ذريعن وسيلي پنهنجي فهم، تجزيي ۽ راءِ جي حوالي سان اظهار ڪري سگهي.<br>3. اسڪول ۽ آس پاس ۾ ٿيندڙ ثقافتي ۽ قومي ڏينهن ملهائڻ وارين تقريبن/ پروگرامن جي بابت پنهنجي راءِ ڏئي سگهي. | 1. مقرر يا ليکڪ جي نقط نظر کي پنهنجي تجزيي ۽ راءِ سان بيان ڪري سگهي.<br>2. هدايتون، حڪمناما ۽ اعلان وغيره ٻڌي ۽ سمجهي ٻين کي ٻڌائي سگهي.<br>3. واقعن ڪهاڻين نظمن ۽ ڊرامن کي ٻڌي / ڏسي انهن جي ڪردارن ۽ مرڪزي خيال بابت گفتگو ڪري سگهي. |

## درجو اٺون: مهارتون، معيار، مرحليوار حد ۽ سکيا جي حاصلات (Grade VIII)

| Competency-3 | Reading پڙهڻ | | |
|---|---|---|---|
| معيار<br>Standards<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1.بنيادي خيال کي آڏو رکندي عبارت (نثر ۽ نظم) کي درست ۽ روانيءَ سان پڙهي سگهي.<br>2.عام مطالعي جو رَويو پيدا ڪري سگهي.<br>3.علمي، ادبي، صحافتي ۽ دفتري عبارت پڙهي سگهي. | | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1.عبارت کي اسلوب موجب درست اچار ۽ روانيءَ سان سمجهي، پڙهي سگهي. | 1. نثر ۽ نظم (ڪهاڻي، مضمون ۽ نظم وغيره) کي سمجهي پڙهي سگهي. | 1. ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل (علمي ،صحافتي ۽ دفتري وغيره) مواد ، سمجهي پڙهي، سگهي. |
| سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs) | 1.عبارت پڙهي معلوماتي، تفهيمي ۽ اطلاقي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>2.عبارت جي جزن، سببن، نتيجن، بنيادي خيال ۽ بيان جي حوالي کي آڏو رکي، سمجهي پڙهي سگهي.<br>3.عبارت ۾ ڏنل بيهڪ جي نشانين مطابق درست لهجي ، ادائگيءَ، آواز جي لاهه چاڙهه ۽ روانيءَ سان پڙهي سگهي. | 1. ڪهاڻي، ڊرامي، مضمون ۽ نظم وغيره ۾ ليکڪ جي مقصد ۽ بيان جي ڏانءُ کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>2. لطيفا ۽ پهاڪا وغيره پڙهي، ان ۾ لڪل ڏاهپ جو ادراڪ ڪري سگهي.<br>3. قول ۽ سهڻا سخن سمجهي پڙهي سگهي.<br>4. تصويري آکاڻيون ، ڪارٽون ۽ ٻيو تفريحي مواد پڙهي، سمجهي لطف حاصل ڪري سگهي. | 1. اخبارن، رسالن ۾ ڇپيل خبرن، رپورٽن، اشتهارن، خطن، ڪالمن ۽ ايڊيٽرن ڏانهن لکيل خطن کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>2. عام درخواستن، فيصلن، رسيدن، فارمن، دعوتنامن، ڪارڊن، حڪمنامن، رپورٽن ۽ سرڪيولرن وغيره کي سمجهي پڙهي سگهي.<br>3. ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ جي ذريعي مختلف علمي ۽ ادبي مواد ڳولي ۽ پڙهي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 4.عبارت ۾ ڏنل متشابھ لفظن کي درست اچارن ۽ روانيءَ سان سمجھي پڙھي سگھي.<br>5.عبارت ، درست اچار ۽ روانيءَ سان پڙھي سگھي. | 5. چوڻين ۽ پهاڪن کي پڙهي، سمجهي سگهي. | 4. اي ٽي ايم جي اسڪرين تي ڏنل معلومات سمجهي ، پڙهي سگهي. |

| Competency-4 | لکڻ Writing | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. ڪنهن به عبارت (نظم ۽ نثر) کي پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي.<br>2. پنهنجي مافي الضمير کي تحرير جي مختلف نمونن (مضمون، ڪهاڻي، نظم ، روزنامچي، ڊرامي) ۾ استعمال ڪندي، مربوط انداز ۾ لکي سگهي.<br>3. رسمي ۽ غيررسمي تحرير جي انداز ۾ فرق کي آڏو رکندي، گرامر ۽ لفظن جو ذخيرو استعمال ڪري سگهي. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. عبارت (نظم ۽ نثر) پڙهي ان بابت لکي سگهي. | 2. ڪو مضمون، ڪهاڻي ڊرامو ۽ فيچر پڙهي/ ٻُڌي، ان تي پنهنجي راءِ لکي سگهي. | 3. رسمي ۽ غيررسمي تحريرون لکي سگهي. |
| ☜ سکيا جي حاصلات Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. سبق (نظم۽ نثر) پڙهي سوالن جا مختصر، جامع ۽ تفصيلي جواب لکي سگهي.<br>2. ڪنهن به نثر يا نظم جي سمجهاڻي لکي سگهي.<br>3. سبق جو خلاصو لکي سگهي.<br>4. لکڻ ۾ مختلف اسلوب بيان (علمي، صحافتي، دفتري وغيره) پڙهي، اهم نڪتا لکي سگهي.<br>5. نظم پڙهي ان جا اهم نڪتا لکي سگهي.<br>6. ڪنهن به متن کي آڏو رکي سوالن جا جواب لکي سگهي. | 1. مضمون جي جزن کي سامهون رکندي، پنهنجن مشاهدن، معلومات ۽ تاثرات کي، گهٽ ۾ گهٽ ٽن پئراگرافن ۾ لکي سگهي.<br>2. ڪهاڻي پڙهي ان جو نتيجو ڪڍي لکي سگهي ۽ ان تي پنهنجي راءِ لکي سگهي.<br>3. ڏنل موضوع مطابق ڊرامي جي ڪردارن جا مڪالما لکي سگهي.<br>4. ڪنهن ڊرامي يا فيچر بابت پنهنجي راءِ لکي سگهي. | 1. اسڪول مان سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ درخواستون لکي سگهي.<br>2. ڪنهن واقعي جو اطلاع اخبار، ريڊيو يا ٽاٽي تي ڏيڻ لاءِ ڪنهن ذميدار عملدار کي رپورٽ لکي سگهي.<br>3. اسڪول جي مسئلن بابت ضلعي جي عملدار کي درخواستون لکي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 7. شاهه عبداللطيفؒ جي شاعريءَ ۾ امن، سهپ، پيار ۽ رواداريءَ بابت ڏنل پيغام تي مضمون لکي سگهي. | | 4. اخبارن ۽ رسالن جون لکڻيون، ڪالم، اداريو، فيچر، وغيره، پڙهي اهم نڪتا لکي سگهي.<br>5. ڪنهن به اڻ ڇپيل يا ٽيڪنيڪي (ڪمپيوٽر) متن کي نقل ڪري سگهي. |

| Competency-5 | تقرير (Speech) |
|---|---|
| **معيار** ☜<br>Standard<br>**(ڇهين کان اٺين درجي تائين)** | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. پنهنجي علم ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ ٻُڌندڙن آڏو تقرير ڪري سگهي ۽ مذاڪري/ بحث مباحثي ۾ حصو وٺي سگهي. |
| **مرحليوار حد** ☜<br>Benchmark | 1. اسڪول سطح تي مباحثن، مذاڪرن ۽ تقريري مقابلن ۾ حصو وٺي سگهي. |
| **سکيا جي حاصلات** ☜<br>Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. ڪنهن بہ فطري، اخلاقي يا قومي موضوع تي، پنهنجي علم ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾، ٻڌندڙن آڏو دُرست اُچار ۽ لهجي سان گهٽ ۾ گهٽ ٽن منٽن تائين تقرير ڪري سگهي.<br>2. عام موضوعن تي في البديه بہ منٽ تقرير ڪري سگهي.<br>3. بحث مباحثي جي گهرجن کي آڏو رکي پنهنجو نقطء نظر پيش ڪري سگهي.<br>4. دُرست اُچار، مناسب لهجي ، تاثرات ۽ اعتماد سان تقرير ڪري سگهي.<br>5. پنهنجي تقرير ۾ محاورن ۽ چوڻين جو موقعي مهل سان استعمال ڪري سگهي. |

| Competency-6 | انشاپردازي (تخليقي تحرير) Creative Writing | |
|---|---|---|
| معيار<br>Standards<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. تخليقي تحرير جي مهارتن کي استعمال ڪندي، پنهنجي اندر جي آواز کي فصاحت ۽ ترتيب سان لکي پيش ڪري سگهي.<br>2. ماحول بابت پنهنجن مشاهدن، خيالن، احساسن ۽ ڄاڻ کي مختصر ڪهاڻي، مضمون وغيره جي صورت ۾ مربوط، روان ۽ موزون انداز ۾ لکي سگهي. | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. پنهنجن مشاهدن، تجربن ۽ خيالن کي ڪنهن به تحرير جي صورت ۾ لکي سگهي. | 2. پنهنجي ماحول بابت معلومات، مسئلن کي رسمي ۽ غيررسمي (درخواست، خط، ڪهاڻي، روز نامچي ) تحريرن ۾ پيش ڪري سگهي. |
| سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs) | 1. پنهنجن مشاهدن، تجربن ۽ ڄاڻ جي بنياد تي ڏنل سون کان متي لفظن تي آڌاريل مضمون لکي سگهي.<br>2. ٻين جون لکڻيون پڙهي انهن جي ايڊيٽنگ ۽ ترتيب کي سڌاري سگهي.<br>3. پنهنجن مشاهدن ۽ خيالن کي تحرير ڪرڻ وقت زبان جي صحت (صورتخطي/ املا، گرامر ۽ اعرابن وغيره) جو خيال رکي سگهي.<br>4. مضمون لکڻ وقت پنهنجن خيالن، مشاهدن کي پيرائن ۾ ترتيب سان لکي سگهي.<br>5. پنهنجن لکڻين کي بامعنیٰ بنائڻ لاءِ محاورن ۽ چوڻين جو بروقت استعمال ڪري سگهي.<br>6. اسڪول ۾ منعقد ٿيندڙ مختلف تقريبن جي روئداد (اکين ڏٺو احوال) لکي سگهي. | 1. رسمي ۽ غيررسمي خط لکي سگهي.<br>2. عام ضرورتن لاءِ اسڪول جي انتظاميہ کي درخواست لکي سگهي.<br>3. صحافتي حوالي سان روزمره واقعن کي تحريري صورت ۾ آڻي رپورٽ ٺاهي لکي سگهي.<br>4. گهر ۽ اسڪول جي طرز تي مشغولين تي روزنامچي يا (ڊائري) جي صورت ۾ لکي سگهي. |

| | | |
|---|---|---|
| | 7. مڪالما نگاري، ڪردارنگاري ۽ منظرنگاريءَ تحت وڻندڙ ڪهاڻي لکي سگهي.<br>8. پنهنجي يادگيرين کي آتم ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ لکي سگهي.<br>9. آکاڻيءَ جا مڪالما لکي سگهي.<br>10. ڪنهن به ماڳ مڪان جو احوال سفرنامي ۾ لکي سگهي. | |

| Competency-7 | زبان شناسي Language Cognition | | | |
|---|---|---|---|---|
| **معيار**<br>Standard<br>(ڇهين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. تحرير ۽ تقرير ۾ گرامر/ وياڪرڻ جو خيال رکي سگهي. | | | |
| **مرحليوار حد**<br>Benchmarks | 1.جملن ۾ زمانن جو درست استعمال ڪري سگهي. | 2.لفظن جي ذخيري جو درست استعمال ڪري سگهي. | 3.ڳالهائڻ جي لفظن موجب جملن جي جوڙجڪ سمجهي، استعمال ڪري سگهي. | 4.عبارت ۾ صورتخطي ۽ ٻيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهي. |
| **سکيا جي حاصلات**<br>Student Learning Outcomes<br>(SLOs) | 1. زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل جي فرق کي سمجهي مفرد ۽ مرڪب جملا جوڙي ۽ بدلائي سگهي.<br>2. زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل استمراريءَ جي جملن کي مختلف زمانن ۾ بدلائي سگهي. | 1. مذڪر ۽ مؤنث لفظن جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>2. هم معنيٰ لفظن کي جملن ۾ درست استعمال ڪري سگهي.<br>3. هم صورت لفظن جو مقصد سمجهي درست استعمال ڪري سگهي.<br>4. واحد کي جمع ۽ جمع کي واحد ۾ تبديل ڪري، جملن ۾ استعمال ڪري سگهي. | 1. صفت جي قسمن ۽ ان جي درجن کي سمجهي، جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.<br>2. اسم يا ضمير جي مختلف حالتن (فاعلي، مفعولي، جري، اضافت ۽ ندائي) کي سمجهي سگهي. | 1. ٻيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهي. |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | 3. زمان ماضي قريب ۽ بعيد جو فرق سمجهي جملا بدلائي سگهي.<br>4. مفرد ۽ مرڪب جملا زمان حال ۽ ماضي (متشڪي ۽ مدامي) موجب جملا جوڙي سگهي.<br>5. مفرد ۽ مرڪب جملا زمان حال ۽ ماضي (متشڪي ۽ مدامي) مطابق بدلائي سگهي.<br>6. زمان حال ۽ ماضي (متشڪي ۽ مدامي) موجب مختلف قسمن جا جملا (بياني، سوالي، امري ۽ ندائي) بدلائي سگهي.<br>7. بي ترتيب جملي جي لفظن کي زمان (حال ۽ ماضي) مدامي ۽ متشڪيءَ موجب، درست ترتيب ڏئي سگهي. | 5. لفظ، محاورا ۽ اصطلاح لغت مان ڳولي، انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي، استعمال ڪري سگهي.<br>6. شعر ۾ تجنيس حرفي، تام ۽ ناقص ۾ فرق سمجهي سگهي.<br>7. لفظن جي اڳياڙين ۽ پڇاڙين کي سمجهي، نوان لفظ ناهي سگهي.<br>8. پهاڪي ۽ چوڻيءَ جي فرق کي سمجهي سگهي.<br>9. تشبيهه ۽ استعاري ۾ فرق سمجهي ، جملا جوڙي سگهي.<br>10. قافيي ۽ رديف جي فرق کي سمجهي شعر مان ڳولي سگهي.<br>11. اصطلاح ۽ محاوري ۾ فرق سمجهي، جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.<br>12. سادي جملي جي ترڪيب ڪري سگهي. | 3. فعل لازمي ۽ متعديءَ کي مثالن سان سمجهي سگهي.<br>4. مجهول ۽ معروف جملن کي هڪٻئي ۾ تبديل ڪري سگهي.<br>5. شعر ۾ تجنيس حرفيءَ جي سڃاڻپ ڪري سگهي. | |

| Competency-8 | استحسان (پسنديدگي ۽ تنقيد) Appreciation and Criticism | |
|---|---|---|
| معيار<br>Standard<br>(ڇھين کان اٺين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. ڪنھن به تحرير (نظم ۽ نثر) جي فني ۽ فڪري خوبين ۽ اوڻاين جو ادراڪ ڪري سگھي. | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. نثر جي صنفن (مضمون، ڪھاڻي، ڊرامو ۽ واقعو وغيره) جي تحرير جي انداز ۾ فرق ڪري سگھي. | 2. نظم جي مختلف صنفن ( حمد، نعت،ترانو،گيت وغيره) جي هيئت جي فرق کي سمجھندي، پنھنجي تنقيدي راءِ جو اظھار ڪري سگھي. |
| سکيا جي حاصلات<br>Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. پسنديدگي ۽ تنقيد ي سطح جي تياريءَ لاءِ ڪنھن تحرير (نثر) جو خلاصو لکي يا اهم نڪتا بيان ڪري سگھي.<br>2. فنون لطيفه جي شھ پارن، تصويرن، عمارتن ۽ آرٽ وغيره تي پسنديدگي ۽ تنقيد ڪري سگھي.<br>3. ڪھاڻي پڙھي/ ٻڌي نتيجن تي خيالن جو اظھار ڪري سگھي.<br>4. ڊرامو ڏسي/ پڙھي ان جي ڪردارن تي راءِ ڏئي سگھي.<br>5. ڪنھن به تحرير ۾ اصطلاحن، محاورن، چوڻين، پھاڪن جي مناسب استعمال تي پنھنجي راءِ جو اظھار ڪري سگھي.<br>6. ڪنھن به تحرير جو تنقيدي جائزو وٺي خلاصو يا نڪتا بيان ڪري سگھي. | 1. پسنديدگي ۽ تنقيدي حوالي سان ڪنھن به نظم جو تنقيدي جائزو وٺي، خوبين ۽ خامين کي بيان ڪري سگھي.<br>2. فطرت جي منظرن بابت پنھنجي احساسن ۽ جذبن جو اظھار ڪري سگھي.<br>3. نظم ۾ شعري اصطلاحن ۽ بين فني ۽ فڪري خوبين کي آڏو رکي پنھنجي راءِ ڏئي سگھي.<br>4. نظم ۾ ڪنھن به فنپاري ۾ احساسن، جذبن، تاثرات ۽ ابلاغ جو تجزيو ڪري، پنھنجي تنقيدي راءِ ڏئي سگھي. |

| Competency-9 | زندگيءَ جون مهارتون Life Skills | | |
|---|---|---|---|
| ☜ **معيار**<br>Standards<br>**(ڇهين کان اٺين درجي تائين)** | شاگرد ان قابل ٿي وڃي ته:<br>1. عام زندگي ۾ روز مره جي مسئلن ۽ معاملن بابت، ڪنهن واقعي، روئداد جو اطلاع، زباني ۽ تحريري انداز سان اظهار ڪري سگهي.<br>2. پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا وسيلي اضافي مطالعي جو رَوَيو پيدا ڪري سگهن.<br>3. انفارميشن ٽيڪنالاجي ذريعي سنڌي ٻوليءَ جو استعمال سِکي ۽ ان جو عملي مظاهرو ڪري سگهي. | | |
| ☜ **مرحليوار حد**<br>Benchmarks | 1. سماجي يا اخلاقي معاملن بابت انفرادي ۽ اجتماعي طور ڪردار ادا ڪري سگهي . | 2. اضافي مطالعي جو رَوَيو پيدا ڪري ۽ پاڻ عمل ڪري سگهي. | 3. انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ڪري سگهي. |
| ☜ **سکيا جي حاصلات**<br>Student Learning Outcomes (SLOs) | 1. عام زندگيءَ جي تجربن، مشاهدن جو زباني ۽ تحريري اظهار ڪري سگهي.<br>2. ڪن واقعن جو اطلاع، اخبار يا ڪنهن ذميوار عملداري کي لکي موڪلي سگهي.<br>3. عام فارم، مني آرڊر، داخلا فارم وغيره ڀري سگهي.<br>4. سماجي ۽ فلاحي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهي.<br>5. قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي. | 1. اخبارن ۽ رسالن جي متن کي روزاني زندگيءَ جي حوالي سان سمجهي سگهي ۽ انهن بابت ٻين سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.<br>2. لائبريري ۽ ڊجيٽل لائبريريءَ بابت ڄاڻ ۽ ان جو استعمال ڪري سگهي.<br>3. دفتري حڪم نامن کي پڙهي سگهي.<br>4. شاهه عبداللطيفؒ جي شاعريءَ ۾ ڏنل منظرن کي تصويري شڪل ۾ ڏاهي سگهي. | 1. ڪمپيوٽر ۽ موبائل ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪري سگهي.<br>2. سڌ سماءُ جي ذريعن وسيلي نشر ٿيندڙ سماجي، ثقافتي پروگرامن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. اِي ميل وسيلي مختلف فارم ڀري ۽ موڪلي سگهي.<br>4. ڪمپيوٽر ۽ موبائيل وسيلي خط ۽ دعوت نامه لکي موڪلي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 6. عملي زندگي ۾ مثبت سماجي رَوَين (سهپ، رواداري، برابري ۽ ٻين جي راءِ جو احترام، امن ،مذهبي ۽ سماجي هم آهنگي وغيره) جو اظهار ڪري سگهي.<br><br>7. مختلف طريقن سان لائق ٻارن (خاص ٻارن) جي حقن کي ڄاڻي ۽ احترام ڪري سگهي.<br>8. پنهنجي ذات ۽ ماحول سان لاڳاپيل مسئلن، ڪمن ۽ حقن بابت ڄاڻ حاصل ڪري، ان جو اظهار ڪري سگهي.<br>9. ڊرامن وغيره ۾ حصو وٺي، پنهنجو ڪردار نڀائي سگهي ۽ نقل ڪري سگهي.<br>10. ٽرئفڪ جي اصولن کي سمجهي ۽ رستي تي هلڻ جا قاعدا سمجهي ۽ ان تي عمل ڪري سگهي.<br>11. صحت جي حفاظت/وبائي بيمارين جي پکيڙ ۽ بچاءُ بابت ڄاڻ حاصل ڪري ۽ ٻين کي ٻڌائي سگهي | 5. ماحوليات بابت ٽيندڙ وٽڪاريءَ جي مهم، گلن جي نمائش مصوري، تقريري مقابلن ،واڪ ۽ ٻين تقريبن ۾ حصو وٺي سگهي. | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | 12. ٻارن جي حقن ۽ انهن جي بچاءَ بابت ڄاڻي سگهي.<br>13. عورتن جي حقن ۽ صنفي برابريءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪري ۽ان جو بچاءُ ڪري سگهي.<br>14. انساني حقن جي بچاءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي. | |

# ڇهين ڪلاس لاءِ تجويز ڪيل عنوان

( ڪتاب پنجويهن درسي يونٽن کان وڌيڪ ضخيم نہ هجي. فطرت ( Nature ) جي موضوعن کان سواءِ دفتري، عدالتي، صحافتي، ٽيڪنيڪي ۽ سائنسي خيال کان سنڌي ٻوليءَ جي فهم ۽ تدريس جي هن سطح کان شروعات ٿيندي. ڪجھ لساني پهلو، ڏي وٺ وارين امتزاجي / عملي (Interactive) مشقن ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا. تدريسي وقت جي اهڙيءَ ريت ورڇ ڪئي وڃي تہ جيئن سيني بنيادي مهارتن (ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ ) کي مناسب وقت ملي سگهي.

1. **مضمون /ڪهاڻيون / آکاڻيون:**

   هن ڀاڱي ۾ تجويز ڪيل موضوعن ۽ ٻين ضروري عنوانن تي آڌاريل گهٽ ۾ گهٽ پندرهن سبق شامل ڪيا وڃن.

   1. محنت جي عظمت /پورهئي جي عظمت
   2. سائنسي ايجادون
   3. زراعت ۽ صنعت
   4. قومي ڏينهن
   5. لطيف شناسي / لطيفيات (شاهہ عبداللطيفؒ جون سورميون)
   6. لوڪ ڪهاڻي (اخلاقي موضوع بابت)
   7. مشاهير مرد ۽ عورتون (سنڌ ۽ ملڪ جي حوالي سان)
   8. رياضيءَ جو تعارف ۽ اهميت
   9. سنڌ جا تاريخي ماڳ مڪان ( ڀنڀور)
   10. گهرو هُنر (ٽڏا ۽ تونريون ناهڻ)
   11. پاڪستان جو منظر ( تاريخي مقام جي حوالي سان)
   12. ڏيهي رانديون
   13. ماحوليات
   14. صحت ۽ صفائي (شاگردن جا ڪردار مڪالمن جي صورت ۾ )
   15. مزاح ( وتائي فقير جا ٽوٽڪا)
   16. سير ۽ سفر تي ٻڌل آکاڻي
   17. شهري حق ۽ سماجي ذميواريون
   18. مخدوم بلاولؒ
   19. ڊاڪٽر رُٿ فائو

( هنن ۾ ٻہ اهڙيون ڪهاڻيون بہ شامل هجن، جن مان هڪ ۾ اسلامي پهلو شامل هجي. اهو پهلو ڪنهن شخصيت يا ڪنهن واقعي جي حوالي سان هجي، ٻي ڪهاڻي ، پاڪستاني مشاهيرن / شهيدن جي حوالي سان هجي)

انهن موضوعن تي اهڙا مضمون / ڪهاڻيون ،چونديون / لکيون / لکرايون وڃن، جن ۾ هيٺ ڏنل ڳالهين جو خاص خيال رکيو وڃي:

(i) هن درجي جي شاگرد جي ذهني پهچ جو خيال رکيو وڃي
(ii) معلومات فراهم ڪئي وڃي.
(iii) بنيادي مقصد زبان جي سکيا ڏيڻ هجي ۽ لساني تدريج جو خيال رکيو وڃي

**.2 هن ڀاڱي ۾ هيٺ ڏنل موضوعن تي ڏهه نظم شامل ڪيا وڃن**

1. حمد
2. نعت
3. شاهه عبداللطيفؒ جا بيت( سر مارئي جا چوند بيت)
4. اتحاد /ٻڌي
5. سچل سرمست ( سارنگ جا بيت)
6. قومي ايڪو / وطن دوستي
7. فطرت جا نظارا
8. پورهئي جي عظمت
9. قومي نغمو
10. سچائي
11. مزاحيه
12. (آڪاڻيءَ تي ٻڌل نظم)

( مٿين موضوعن تي نظم ڪتاب ۾ شامل ٿيندا. نظم هن ڪلاس جي شاگردن جي ذهني پهچ مطابق چونڊيا وڃن ۽ نظم جي ٽيڪنيڪي / فني سجاڳپ سان گڏ زبان جي نزاڪتن ۽ وسعتن جي ڄاڻ ڪي آڏو رکيو وڃي)

**.3 زبان شناسي / گرامر**

1. سادن ۽ مرڪب جملن ۾ فرق سمجهڻ، مرڪب جملن کي سادن جملن ۾ بدلائڻ.
2. لفظن جو ذخيرو.
3. هم معنىٰ ( مترادف ) لفظن جو استعمال.
4. غلط فقرن ۽ جملن جي درستي .
5. لفظن جو اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون.
6. تشبيهي ۽ تجنيسي لفظن جي سمجهه ( تجنيس حرفي)
7. ٻٽن (گروهي ) لفظن جي سمجهه ۽ ٿيسارس ( Thesaurus) جو استعمال.
8. محاورا ۽ چوڻيون.

9. اسم جون جنسون. ( مذڪر / مونث).
10. صفت جي جاڻ.
11. ضمير جا قسم ۽ ضمير جون جنسون (مذڪر ۽ مونث ).
12. ظرف ۽ ان جا قسم.
13. حرف ندا، حرف جملي ، حرف جر ۽ امريه جو استعمال.
14. اسم عام، اسم خاص ۽ اسم ذات جو استعمال.
15. فاعل، فعل، مفعول ۽ زمانن (Tenses ) جو استعمال.
16. لغت جو استعمال.
17. مضمون نويسي.
18. خط/درخواست.
19. بيهڪ جون نشانيون.

( اڳين پنجويهن درسي يونٽن ۾ متين لساني موضوعن ڪي متن ۾ ڏي وٺ وارين امتزاجي ( Interactive) عملي مشقن جو اهڙيءَ ريت حصو بنايو وڃي. جيئن درجيبندي ۽ پختگي ( Reinforcement) برقرار رهي ڪتابن جو مطالعو ۽ لغت جو استعمال عملي طور سبق جو حصو هجي. درخواست ۽ خط جو درسي متن خاص طور لکيو وڃي).

# ستين ڪلاس لاءِ تجويز ڪيل عنوان

( ڪتاب پنجويهه درسي يونٽن کان وڌيڪ ضخيم نہ هجي .فطري موضوعن کان سواءِ دفتري، تعليمي، صحافتي، ٽيڪنيڪي ۽ سائنسي موضوعن جي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جي انهيءَ سطح تي شروعات ٿي چڪي آهي. ان ڪري انهن کي وڌيڪ پختو ڪيو وڃي. ڪجهہ لساني پهلو، امتزاجي ۽ عملي مشقن ۾ پڻ ڪري سگهجن ٿا. لساني حوالي سان نثر ۽ نظم کي برابريءَ واري اهميت ڏني وڃي. نظم ٽيون حصو هجن. تدريس دوران وقت جي ورڇ اهڙيءَ ريت ڪئي وڃي جو سيني بنيادي مهارتن ،ٻڌڻ ، ڳالهائڻ ، پڙهڻ ۽ لکڻ کي مناسب وقت ملي.)

• مضمون / ڪهاڻيون

(هن ڀاڱي ۾ هيٺ ڏنل موضوعن تي مشتمل سبق شامل ڪيا وڃن)

1. اخلاقيات
2. اجتماعي ايثار
3. محنت
4. نظم ۽ ضبط
5. لطيف شناسي (شاھ عبداللطيفؒ فطرت جو شاعر)
6. پاڪستان جي تحريڪ ۾ عورتن جو حصو
7. ترت علاج (First Aid)
8. هوائي جهاز جي ايجاد
9. قومي ڏڻ
10. طبيعيات (physics) بابت ڄاڻ
11. رانديون (فٽبال)
12. ڳوٺاڻي ۽ شهري زندگيءَ جي ڀيٽ (مڪالمن جي صورت ۾)
13. سماجي آداب
14. زراعت جي اهميت
15. قدرتي آفتن کان بچاءُ
16. قومي جهنڊي جو احترام ( مڪالمن جي صورت ۾ )
17. مشاهير مرد ۽ عورتون ( سنڌ ۽ ملڪ جي حوالي سان)
18. ڏنڌا (مهاڻو)
19. علم جي اهميت
20. لوڪ ڪهاڻي (اخلاقي موضوع تي)
21. هنر (سبڻ ۽ پرڻ)
22. سنڌ جا لوڪ ساز

23. ماحوليات
24. پاڪستان جا صوبا (معلومات)
25. قومي ادارا
26. سنڌ جا تاريخي ماڳ مڪان (رني ڪوٽ)
27. آبپاشيءَ جو سرشتو (ڪوٽڙي بئراج)
28. صحت ۽ صفائي

(هن ۾ ٻه اهڙيون ڪهاڻيون به شامل ڪيون وڃن ، جن مان هڪ ۾ ڪو اسلامي پهلو موجود هجي ، ٻيءَ اهو پهلو ڪٽي ڪنهن شخصيت جي حوالي سان هجي يا ڪنهن واقعي جي حوالي سان ٻي ڪهاڻي پاڪستاني مشاهير / شهيدن جي حوالي سان هجي).

هنن موضوعن تي اهڙا مضمون / ڪهاڻيون / فيچر چونڊيا / لکيا / لکرايا وڃن، جن ۾ :

1. هن ڪلاس جي شاگردن جي ذهني صلاحيت جو خيال رکيو وڃي.
2. ڄاڻ مهيا ڪئي وڃي.
3. بنيادي مقصد ٻوليءَ جي سکيا هجي ۽ لساني درجيبنديءَ جو به خيال رکيو وڃي.]

### 4. نظم

(هن حصي ۾ هيٺ ڏنل موضوعن تي (ڏهه) نظم شامل ڪيا وڃن )

1. حمد
2. نعت
3. شاهه عبداللطيفؒ جا بيت (سُر ڪاموڏ / حسيني )
4. وطن جي حب
5. فطرت جا منظر ۽ مظهر
6. نظم (جانورن ، ٻوٽن ۽ پکين سان سهڻو سلوڪ)
7. قومي نغمو
8. نظم (موسم بابت)
9. مزاحيه
10. نظم (سماجي مسئلن تي)
11. مختلف موضوعن تي نظم (ٻه)

(مٿين موضوعن تي نظم نصاب ۾ شامل ٿيندا. نظم هن ڪلاس جي شاگردن جي ذهني پهچ مطابق چونڊيا وڃن ۽ نظم جي ٽيڪنيڪي سجاٽپ سان گڏ ٻوليءَ جي نزاڪتن ۽ وسعتن جي ڄاڻ ڪي به نظر ۾ رکيو وڃي)

5. **زبان شناسي/ گرامر**

1. زمان ماضي قريب ۽ بعيد زمان مضارع.
2. فعل متعدي معروف کي فعل متعدي مجهول ۾ بدلائڻ.
3. متضاد لفظن کي وچ وارن لفظن سان سمجهڻ.
4. روز مره جي ڪاروهنوار ۾ محاورن جو استعمال.
5. لفظن جو ذخيرو.
6. روز مره جي لحاظ کان جملن جي درستي.
7. هم معنیٰ لفظن، متضاد ۽ ٻٽن لفظن کي جملن ۾ استعمال ڪرڻ.
8. مذڪر مونث، جمع ۽ واحد.
9. لغت جو استعمال.
10. تجنيس تام، تجنيس ناقص.
11. قافيو.
12. استعارو، اصطلاح ۽ پهاڪو.
13. اسم ذات .صفت، ظرف، حرف جملو ۽ حرف ندا.
14. بيهڪ جون نشانيون.
15. مضمون.
16. ڪهاڻي لکڻ.
17. خط / درخواست.

( گذريل پنجويهن درسي يونٽن ۾ هنن لساني موضوعن کي متن، امتزا جي مشقن / جو اهڙيءَ طرح حصو بنايو وڃي، جو ان ۾ درجيبندي ۽ پختگيءَ کي آڏو رکيو وڃي. ڪتابن جو اڀياس ۽ لغت جو استعمال عملي طرح سان سبق جو حصو هجي. درخواست ۽ خط جو درسي متن خاص طور تي لکيو وڃي.)

# ائين ڪلاس لاءِ تجويز ڪيل عنوان

( ڪتاب پنجويهن درسي يونٽن کان وڌيڪ ضخيم نہ هجي. فطري موضوعن کان سواءِ دفتري ، عدالتي ، تعليمي، صحافتي، ٽيڪنيڪي ۽ سائنسي خيال کان سنڌيءَ ٻوليءَ جي تفهيم ۽ سکيا جي ان سطح تي شروعات ٿي چڪي آهي، جنهن ڪي بنيادي پختگي حاصل هئڻ گهرجي. ڪجھ لساني پهلو امتزاجي ۽ عملي مشقن ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا. لساني حوالي سان نثر ۽ نظم کي برابري واري اهميت ڏني وڃي. نظم ٽيون حصو هجن)

1. **مضمون /ڪهاڻيون.**

هن ياڱي ۾ هيٺ ڏنل موضوعن تي مشتمل سبق شامل ڪيا وڃن:

1. انسانيت جو احترام
2. لطيف شناسي: شاهہ عبداللطيفؒ جي شاعريءَ ۾ امن، سهپ ۽ پائيچاري جو پيغام.
3. بجليءَ جي دريافت.
4. لوڪ ڪهاڻيون (ٻہ) (اخلاقي موضوعن تي).
5. پاڪستاني مَشاهير ( سنڌ جي حوالي سان).
6. شهري بچاءُ.
7. علم ڪيميا ( Chemistry) جي باري ۾ ڄاڻ.
8. قومي ايڪو ( ايمان، اتحاد ۽ تنظيم).
9. سائنسي ترقي.
10. پاڪستاني تهذيب ۽ ثقافت (سنڌ صوبي جي تهذيب).
11. گرلز گائيڊ.
12. حياتيات (Biology) بابت ڄاڻ.
13. مثالي شاگرد ( مڪالمن جي صورت ۾).
14. سنڌي ادب جي اهميت.
15. پاڪستان جا منظر.
16. ماحوليات ( وڻڪاري ۽ ٻيلن جو بچاءُ وغيره).
17. قدرتي آفتون.
18. پاڪستان جو مواصلاتي نظام ( بحري ۽ هوائي رستا).
19. سنڌ جي آبپاشيءَ جو سرشتو. (سکر بئراج).
20. پاڪستان جون موسمون.
21. وندر ۽ تفريح جي اهميت.

(هن ۾ ٻہ اهڙيون ڪهاڻيون بہ شامل ڪيون وڃن ، جن مان هڪ ۾ ڪو اسلامي پهلو شامل هجي. اهو پهلو ڪٿي ڪنهن شخصيت جي حوالي سان هجي يا ڪنهن واقعي جي حوالي سان ٻي ڪهاڻي پاڪستاني مشاهير /شهيدن جي حوالي سان هجي).

[ متين موضوعن تي اهڙا مضمون / ڪهاڻيون / فيچر چونڊيا / لکيا / لکرايا وڃن ، جن ۾ :

1. هن ڪلاس جي شاگردن جي ذهني پهچ کي ڌيان ۾ رکيو وڃي.
2. چاڻ مهيا ڪئي وڃي.
3. بنيادي مقصد ٻوليءَ جي سکيا هجي ۽ لساني درجي بنديءَ جو پڻ خيال رکيو وڃي.

## 2. نظم

( هن ڀاڱي ۾ هيٺ ڏنل موضوعن تي نظم شامل ڪيا وڃن)

1. حمد .
2. نعت.
3. شاهه عبداللطيفؒ جا بيت ( سريراڳ/ سامونڊي / ڪارايل)
4. انسانيت (نظم: عبدالڪريم گدائي)
5. وطن جي حُب .
6. فطرت جا نظارا.
7. اخلاقيات.
8. پورهيت جي عظمت.
9. ساڻيهه جا منظر.
10. مزاحيه نظم.

(متين موضوعن تي نظم، درسي ڪتاب ۾ شامل ٿيندا. نظم هن ڪلاس جي شاگردن جي ذهني پهچ مطابق چونڊيا وڃن ۽ نظم جي ٽيڪنيڪي سڃاڻپ سان گڏ ٻوليءَ جي نزاڪتن ، وسعتن ۽ گهراين جي ڄاڻ کي آڏو رکيو وڃي).

## 3. زبان شناسي / گرامر.

1. مفرد ۽ مرڪب جملا زمان ماضي ( مدامي ۽ متشڪي).
2. قافيو.
3. صفت.
4. لفظن جو ذخيرو، واحد ۽ جمع ، مذڪر ۽ مونث، هم معنيٰ ۽ هم صورت لفظ.
5. فعل جي مجهولي صورت کي معروفي صورت ۾ بدلائڻ.
6. تجنيس معنوي ۾ فرق ڪرڻ.
7. محاورن ۽ چوڻين جو استعمال ( جملا ناهڻ ).
8. اسم ۽ ضمير جون حالتون .

9. فعل لازمي ۽ فعل متعدي.
10. مجهول ۽ معروف جملا بدلائڻ.
11. بيهڪ جون نشانيون.
12. روز مره جي ڪاروهنوار ۽ محاوري جي لحاظ کان غلط جملن کي درست ڪرڻ.
13. قولن ۽ پهاڪن جو لکڻين ۾ موقعي ۽ مهل جي مناسبت سان استعمال.
14. اڳياڙين ۽ پڇاڙين لڳائڻ سان لفظ جوڙڻ.
15. رديف جي حوالي سان لفظن جي ترتيب.
16. خط / درخواست .
17. مضمون

(ڏنل پنجويهن درسي يونٽن ۾ هنن لساني موضوعن کي متن ، امتزاجي ( Interactive) ۽ عملي مشقن جو اهڙيءَ طرح حصو بنايو وڃي ، جو درجي بندي ۽ پختگي آڏو اچي وڃي. ڪتابن جو اڀياس ۽ لغت جو استعمال عملي طرح سان سبق جو حصو هجي. درخواست ۽ خط جو درسي متن خاص طور تي لکيو وڃي.)

# درسي ڪتابن جي تياري

درسي ڪتابن جي تياري، نصاب کي عملي طور لاڳو ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ اهم قدم آهي. سٺو ڪتاب شاگردن جي دلچسپيءَ ۾ اضافو ڪري ٿو، خاص ڪري ڇهين ڪان اٺين درجي تائين درسي ڪتابن جي تياري اهميت رکي ٿي، ڇو ته ان سطح تي شاگرد بئي تدريسي مواد کان گهٽ رهنمائي حاصل ڪري سگهندا آهن ۽ ڪتابن ۾ شامل عملي مشقون ۽ سرگرميون انهن کي سکڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو فراهم ڪنديون آهن. درسي ڪتابن جي تياريءَ ۾ ڪتاب جي ليکڪن ۽ مرتبن جو اهم ڪردار آهي.

هيٺ ڏنل هدايتون درسي ڪتابن کي بهتر بنائڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿيون.

1. مڊل سطح تي ڪتاب جي سائيز 8/36/23 هئڻ گهرجي.
2. ڪتاب ۾ معياري ۽ مناسب فونٽ استعمال ڪيو وڃي، مشقن جي هدايتن ۾ فونٽ سائيز گهٽ رکي وڃي.
3. ضخامت: ڪتاب جا صفحا تقريبًا هڪ سؤ کان ڏيڍ سؤ تائين هئڻ گهرجن.
4. ڪتاب جو ٽائيٽل، رنگين ۽ وڻندڙ هجي ۽ مناسب مقامي، تهذيبي ۽ ثقافتي پس منظر ۾ ڏنو وڃي.
5. ڪتاب جي پهرئين سبق جي شروع ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ترجمي سان ڏجي .
6. درسي ڪتاب جي پيشڪش ۾ لي آئوٽ معياري هجي. ڪوشش ڪجي ته هر سبق ساڄي پاسي واري صفحي کان شروع ٿئي ۽ مشقن سوڌو کابي پاسي واري صفحي تي ختم ٿئي.
7. درسي متن جي ٻولي معياري هجي جيڪا روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۽ عملي گهرجن جي ويجهو هجي ان ۾ متروڪ لفظن، ڏکين ترڪيبن ۽ غير مستعمل محاورن کان پاسو ڪيو وڃي، جن جو نصابي گهرجن سان لاڳاپو نه هجي.
8. درسي ڪتاب لکڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو ڪتب آڻجي. سنڌي ٻوليءَ جو لغوي ذخيرو درجيوار استعمال ڪجي.
9. سبقن جي چونڊ دوران، سنڌ جي ديني، تعليمي، علمي، ادبي، تاريخي ۽ سماجي شخصيتن کي به شامل ڪيو وڃي ۽ سنڌ جي مشهور تاريخي ماڳن، مڪانن ۽ جاگرافيائي اهميت وارن شهرن بابت ڀرپور معلومات ڏيڻ گهرجي. شخصيتن جي چونڊ ۾ مثالي عورتن جي ڪردارن کي به شامل ڪيو وڃي ۽ اهڙين غير مسلم شخصيتن (اقليتن) جن جو ملڪ ۽ سنڌ جي تعليمي، ثقافتي ۽ سماجي ڀلائي ۾ ڪردار هجي، ته انهن کي پڻ شامل ڪجي.
10. ڪتابن ۾ سبقن جي ڏاڪي به ڏاڪي اوسر هئڻ گهرجي يعني پهريون سبق سولو ۽ آخري سبق ڏکيو هجي.

11. سبق جي شروعات ۾ ’سکيا جي حاصلات‘ هڪ چوڪنڊي ۾ ڏني وڃي ۽ سبق ۾ شامل لفظ ۽ مختصر تدريسي هدايتون شامل هجن. سبق جي طويل متن کي ڪيترن ئي پئراگرافن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جن جي وچ ۾ ڏي وٺ واريون مشقون (Interactive Exercises)، عملي مشقون (Applied Exercises)۽ سوال وغيره ڏئي سگهجن ٿا

12. ڪتاب ۾ نظم مختلف سبقن ڪانپوءِ وقفي وقفي سان ڏيڻ گهرجن.

13. ڪتاب نسخ خط ۾ هجي، ڪمپوزنگ معياري ۽ غلطين کان پاڪ هجي. لفظن جي پاڙ ۾ وٿي هڪ جيتري هئڻ گهرجي .

14. ڏکين لفظن ۽ ترڪيبن تي اعرابون ضرور ڏنيون وڃن ،ضرورت آهر شد ڏني وڃي، البتہ زير ، زبر ۽ پيش ضرور ڏنا وڃن.

15. هر سبق ۾ بيهڪ جي نشانين جو خاص خيال رکيو وڃي.

16. متن سان ٺهڪندڙ مناسب هنڌن تي واضح تصويرون ۽ خاڪا پڻ شامل ڪيا وڃن، جيڪي رڳو ناهہ ٺوهہ لاءِ نہ هجن بلڪ سبق ۾ ڏنل تصورن جي تدريس ۾ استعمال ٿين .

17. ڪتاب ۾ انسانيت جي احترام، رواداري، سماجي هم آهنگي ۽ پر امن بقاءِ باهمي کي فروغ ڏيڻ وارو مددگار مواد شامل ڪيو وڃي .

18. متن ۽ مشقي سوالن ۾ سياسي، مذهبي، لساني، علائقائي، صنفي ۽ سماجي تعصب کان پاسو ڪيو وڃي .

19. درسي ڪتاب ۾ اهڙو مواد ڏنو وڃي، جن سان زندگيءَ جي مهارتن جي اوسر ٿئي.

20. متن ۾ مثال ڏيڻ وقت ان ڳالهہ جو خاص خيال رکيو وڃي تہ ڏنل مثال آس پاس جي ماحول بابت ۽ دلچسپ هجن .

21. بنيادي مهارتون (ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ) سبقن جي ذريعي سيکارڻ گهرجن. مهارتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انفرادي، جوڙن ۽ گروهي نوعيت جون سرگرميون شامل ڪيون وڃن ۽ اهڙيون سرگرميون ترتيب ڏنيون وڃن، جن جو مرڪز ٻار هجي .

22. مشقي سرگرميون، شاگردن جي ذهني سطح کي آڏو رکي وڌ ۾ وڌ ڏنيون وڃن. مشقي سوالن ۾ مختلف قسمن جي سوالن کي جوڳي نمائندگي ڏني وڃي. مثال طور: تفهيمي، لساني، اضافي مطالعي، تخليقي سگهہ کي اجاگر ڪرڻ وارا سوال ۽ اعلىٰ درجن جي حاصلات جي ڪوشش کي يقيني بنايو وڃي، سوالن ۾ معروضي سوال بہ هجن .

23. ڪتاب جي ليکڪن جي ڪاميٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نصابي ڪاميٽيءَ جي نمائنده رڪنن کي بہ شامل ڪيو وڃي.

24. درسي ڪتابن لکڻ لاءِ معياري، موزون ۽ مناسب سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪن جي چونڊ ڪئي وڃي ۽ ڪتاب لکڻ کان اڳ انهن کان نئين نصاب موجب نمونې طور سبق لکرايا وڃن ۽ انهن جي منظوريءَ کان پوءِ انهن کي ڪتاب لکڻ جي آڇ ڏني وڃي.

25. درسي ڪتاب جي تياريءَ کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي نصابي ڪاميٽيءَ جي رڪنن ۽ ليکڪن جو گڏيل اجلاس ڪوٺايو وڃي، جنهن ۾ لکندڙن کي نصاب جي گهرجن کان پوريءَ ريت آگاهه ڪيو وڃي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي تدريسي مقصدن جو پورائو ٿي سگهي. ان ۾ اهڙن استادن کي به شامل ڪيو وڃي جيڪي لاڳاپيل سطح جو تدريسي تجربو رکندا هجن ۽ درسي سبقن جي تياري ڏنل هدايتن پٽاندر ڪري سگهن .

26. **لطيف شناسي**

- شاهه عبداللطيفؒ متعلق سبق ڪتاب ۾ شامل ڪيا وڃن.
- شاهه عبداللطيفؒ جي سوانحي معلومات کان علاوه اهڙا مضمون به شامل ڪجن جيڪي سندس شاعريءَ جي خوبين ۽ پيغام جي عڪاسي ڪن.
- شاهه عبداللطيفؒ بابت سبق ڏنل موضوعن تي مضمون جي صورت ۾ عام فهم ٻوليءَ ۾ لکيل هجن، متن ۾ موقعي ۽ محل جي مناسبت سان بيتن کي لازمي شامل ڪيو وڃي.
- شاهه جا بيت چونڊڻ وقت شاگردن جي ذهني سطح جو خيال ضرور رکيو وڃي.

27. ڪتاب جي آخر ۾ الف - ب وار لغت هئڻ گهرجي .

28. ڪتاب ۾ شامل ليکڪن جا نالا ۽ نظم جي شاعر جو نالو متن جي آخر ۾ ڏيڻ گهرجي . ڇهين کان انين درجي جي درسي ڪتابن لاءِ نظمن جي چونڊ ڪرڻ وقت ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته مروج ڪتابن ۾ گهُربل عنوان تي اڳ ڏنل مجيل ۽ مقبول شاعرن جي شاعريءَ کي اوليت ڏيڻ گهرجي، نظم اهڙا چونڊيا وڃن، جيڪي ٻارن جي عمر، درجي ذهني پهچ ۽ ٻوليءَ جي گهرجن موجب هجن.

29. ڪنهن غير معروف ۽ اڻڄاتل شاعر يا ليکڪ جي تحرير يا ڪلام هرگز شامل نه ڪيو وڃي. نمونې طور شامل ٿيندڙ متن کان سواءِ ٻئي ڪنهن متن تي ليکڪ جو نالو نه ڏنو وڃي، جو ته اهڙا متن تياريءَ جي ڪيترن ئي مرحلن مان لنگهن ٿا.

## تجويز ڪيل تدريسي حڪمت عمليون (Teaching Strategies)

سنڌي ٻوليءَ جي نصاب 2022ع ڪي، ٻوليءَ جي جديد اصولن موجب مرتب ڪيو ويو آهي. هن نصاب جي اها گهرج آهي ته شاگردن کي ٻوليءَ جي مختلف سرگرمين ذريعي ٻوليءَ جي سکيا واري عمل ۾ شامل ڪجي. استادن ۽ تربيتي ادارن کي ان ڳالهه جو خيال رکڻو پوندو ته اهي نه رڳو ٻوليءَ جي سکيا وارن جديد طريقن کان واقف هجن، بلڪ انهن کي استعمال ڪرڻ جي قابليت به رکندا هجن.

ايليمينٽري ڪلاسن ۾ استادن کي هڪ مثالي استاد جي حيثيت سان آڏو اچڻ گهرجي ته جيئن شاگردن کي اهڙيون سموريون سنڌي ٻوليءَ جون سهوليتون مهيا ڪري، جن سان انهن کي سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي مهارتن ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ، سکڻ ۾ مدد ملي. موجوده دور ۾ ٻوليءَ جي تدريس جا جيڪي آزمايل طريقا ڪم آندا وڃن ٿا ،تن جو خلاصو استادن جي سهولت لاءِ هيٺ ڏجي ٿو. سبقن جي تياريءَ وقت استاد هيٺ ڏنل طريقن کي پنهنجي روزاني تدريسي سرگرمين جو حصو بڻائين.

### ڳالهه ٻولهه

'ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ' ٻوليءَ جي بنيادي مهارتن مان آهن. استاد، ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي سرگرمين کي معنیٰ دار ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ هيٺ ڏنل نڪتن تي ڌيان ڏين:

- سرگرميون/ سوا ل/ مشقون شاگردن جي ذهني سطح مطابق هجڻ گهرجن.
- شاگردن کي مختلف طريقن سان، پنهنجي جاڻ جي اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي ۽ ڪين پنهنجيءَ رفتار سان سکڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي سُست شاگرد اڳتي هلي تيزيءَ جو مظاهرو ڪري سگهن ٿا، ان لاءِ انهن جي خاموش هجڻ کي تسليم ڪيو وڃي ۽ ڳالهائڻ تي سندن حوصلہ افزائي ڪئي وڃي .
- جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کان ڪا غلطي ٿي وڃي ته ان کي هيسائڻ بجاءِ همٿائجي ۽ ٻئي شاگرد کان يا خود استاد (ضرورت موجب) مثبت انداز ۾ اصلاح ڪري ته جيئن شاگردن ۾ ٻولي سکڻ جو جذبو ۽ پنهنجي غلطيءَ جي اصلاح ڪرڻ جي سگهه پيدا ٿئي.
- ڳالهه ٻولهه وقت شاگردن کي هڪٻئي جي ويجهو دائري جي شڪل ۾ ويهاري سگهجي ٿو ته جيئن هو هڪٻئي کي ٻڌي ۽ ڏسي به سگهن.


اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق سنڌ ڄامشورو، اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو کاتو، حڪومت سنڌ

### لفظن جي راند

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي ذخيري وڌائڻ جون مختلف تدريسي تدبيرون آهن، جن مان ڪجھه هيٺ ڏجن ٿيون:

• لفظ جي آخري اکر سان نئون لفظ ناهڻ، مثلاً: پنهنجي نالي جي آخري اکر سان ڪو صفت جو لفظ ٻڌائڻ، جيئن: منهنجو نالو: پارس آهي ۽ مان سهڻي آهيان. هن ۾ پارس نالي جو آخري اکر 'س' آهي ۽ ان سان جڙندڙ صفت 'سهڻي' آهي.

- مختلف لفظن يا اکرن تي مشتمل فلئش ڪارڊ استعمال ڪيا وڃن، جن مان موضوع بابت لفظ چونڊي سگھجن: نوان لفظ جوڙڻ، مرڪب لفظ ناهڻ، لفظن جي مدد سان آکاٽي ترتيب ڏيڻ وغيره.
- سوالن تي ٻڌل پرک/ ڪسوٽيءَ واري راند کيڏڻ: ڪنهن شخصيت يا ماڳ مڪان ڪي سوالن ذريعي معلوم ڪرڻ. جنهن جو جواب 'ها' يا 'نه' ۾ هجڻ گھرجي.
- يادگيريءَ واري راند، جيئن ڪا ڏکي فهرست ياد رکڻ، هڪ منٽ تائين مختلف شيون ڏسڻ، پوءِ يادگيريءَ سان ٻڌائڻ ته ڪهڙيون شيون ڏٺيون هيون.
- پرولين جي درست جوابن جي چونڊ، ڳجھارت، ذهني/ معلوماتي آزمائش وغيره.

### سوال پڇڻ (Questioning)

ٻوليءَ جي تدريس ۾ سوال پڇڻ هڪ اثرائتي سرگرمي آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ معياري سوال سان نه رڳو شاگرد جي سوچ جو معيار ۽ تخيل جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو، بلڪ سوال جي نوعيت موجب بهتر انداز ۾ شاگرد کان معياري جواب ملڻ ممڪن ٿيندو. استادن کي گھرجي ته سوال ترتيب ڏيڻ وقت هيٺ ڏنل نڪتن جو خيال رکن:

- ها، نه ۽ هڪ لفظ تي مشتمل سوال رڳو نه پڇڻ گھرجن پر سوالن ۾ وڌيڪ سبب وارا سوال پڻ پڇيا وڃن، جن ۾ ڇو، ڇا، ڪيئن وغيره جهڙا سوال به هجن. مثلاً: توهان کي ڪهڙي راند/ موسم/ ميوو پسند آهي ۽ ڇو؟گھٽو ڪري اهڙا سوال پڇيا وڃن، جن ۾ شاگردن کي جملن ۾ پنهنجي راءِ ڏيڻي پوي.
- بلومز ٽيڪسانومي (Bloom's Taxonomy) جي درجن موجب هر سطح جا سوال تيار ڪرڻ گھرجن.
- سوالن کي سمجھڻ ۽ جواب ڏيڻ لاءِ شاگردن کي مناسب وقت ڏيڻ گھرجي .مشاهدو، مليل معلومات کي ڪم آڻڻ ۽ نتيجن ڪيڻ جي حوصله افزائي ڪئي وڃي.
- شاگرد جيڪو چوڻ گھرن، انهن کي ان جي آزادي هجي. غلط جواب جي صورت ۾ ٻين شاگردن کان پڇي سگھجي ٿو يا خود استاد رهنمائي ڪري سگھي ٿو. اهو عمل اهڙي انداز سان ڪيو وڃي، جو شاگرد جو اعتماد بحال رهي.
- اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي جو شاگرد خود سوال ترتيب ڏين ۽ پنهنجن ساٿين کان پڇن.

### فڪري تحرڪ (Brainstorming)

شاگردن جو ذهن اپارڻ هڪ اهڙي تدبير آهي، جنهن موجب ڪنهن عنوان تي شاگردن جا خيال ۽ معلومات ڄاڻي، ان عنوان تي معلومات فراهم ڪئي ويندي آهي. جڏهن به ڪو نئون سبق پڙهائڻو هجي ته پهرين ان موضوع بابت استاد ،شاگردن سان ڳالهه ٻولهه ڪري ۽ ان موضوع بابت ڪين هڪ ٻن جملن ۾ خيال پيش ڪرڻ لاءِ چئي مثلاً" نثر يا نظم جي مرڪزي خيال بابت پڇڻ وغيره، سيني شاگردن جي حوصله افزائي ڪرڻ گھرجي ته جيئن اهي هن

سرگرميءَ ۾ شامل ٿين. استاد سڀ مليل جواب بورڊ تي لکي ۽ شاگردن کي شامل ڪندي، ان بابت تجزيو ڪرايو وڃي.

### ذهن/تصور جاچڻ (Mind/ Concept Mapping)

شاگردن جي مدد ڪئي وڃي تہ ڄاڻايل عنوان تي پنهنجن خيالن کي ذهن ۾ ڪيئن ترتيب ڏين. ڪهڙي ڳالهہ پهرين ۽ ڪهڙي پوءِ رکڻي يا لکڻي آهي، جيئن: ڪنهن مضمون لکڻ لاءِ ان جي اهم نڪتن بابت لکڻ ۽ متن جي اهم نڪتن جو جائزو وٺي ان کي پيش ڪرڻ وغيره .

### اڳڪٿي (Prediction)

هن طريقہ ڪار هيٺ شاگردن کي غور ۽ فڪر جي دعوت ڏئي، انهن جي تخليقي صلاحيتن کي اڀاريو ويندو آهي، جيئن:

- شاگرد، غور ڪري ڪنهن آکاڻيءَ جي پُڄاڻي ٻڌائي سگهن.
- ڪنهن سوال جي جواب يا نتيجي جو اڳواٽ اندازو لڳائي سگهن.
- تصوير/ واقعي يا ڪنهن ڪتاب جو سرورق ڏسي، آکاڻي/ عنوان جي اڳڪٿي ڪري سگهن.
- واقعي ۽ ڪردار بابت اڳڪٿي ڪري ٻڌائي سگهن.

### ڪلاس جو گڏيل بحث مباحثو (Whole Class Discussion)

ڪلاس جو گڏيل بحث مباحثو هڪ ڪارائتو طريقو آهي، جنهن ذريعي ٿوري ئي وقت ۾ پوري ڪلاس کي سرگرم ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ڪنهن نئين سبق جي شروعات ڪرڻي هجي يا سبق پڙهائڻ بعد اندازو لڳائڻو هجي تہ جيڪو ڪجهہ پڙهايو ويو آهي، ان بابت شاگرد ڪيترو ڄاڻن ٿا، اهڙيءَ صورت ۾ هيءَ سرگرمي مناسب آهي. مثال طور ڪو بہ عنوان ڏئي، ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرايو وڃي.

### انفرادي، جوڙن ۾ يا گڏجي سرگرميون ڪرائڻ

ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ سبقن جي پڙهائڻ واري سلسلي ۾، شاگردن جي شرڪت سان هيٺ ڏنل سرگرمين کي استعمال ڪري سگهجي ٿو:

- **انفرادي سرگرمي:** شاگرد کي انفرادي طور سرگرمي ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي، تہ جيئن هو پاڻ کي پُرسڪون ۽ آزاد سمجهي، پنهنجيءَ رفتار سان سکي. اهڙيءَ طرح ان کي پنهنجي ساٿيءَ تي ڀاڙڻ بجاءِ پنهنجي صلاحيتن کي آزمائڻ جو موقعو ملندو. پڙهڻ ۽ لکڻ جي عمل ۾ هن طريقي جو استعمال موزون آهي.

- **جوڙن ۾ سرگرمي:** جوڙن ۾ سرگرمي ڪرڻ سان شاگردن کي شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ان ڪان سواءِ انهن ۾ ٻولي سکڻ جي صلاحيت واري مشق ۾ اضافو ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح شاگرد پنهنجي ساٿيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ لهرائيندا ناهن ۽ شاگردن کي مسئلن جي حل ۽ نتيجن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اعتماد سان هڪٻئي جي مدد جو موقعو ملندو آهي ۽ پاڻ تي ڀاڙڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي آهي.
- **گروپ ۾ سرگرمي:** چئن يا پنجن شاگردن کي گروپ ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو به ڏنو ويندو آهي، ائين ڪرڻ سان ڪين پاڻ ۾ آزاديءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ٻوليءَ جي مهارتن واري سلسلي ۾ مدد پڻ ملندي آهي. انهن کي ٻين جي نظرين جو احترام، پنهنجا خيال پيش ڪرڻ، هڪٻئي جي اصلاح ڪرڻ ۽ خوشگوار ماحول ۾ گڏجي نتيجا حاصل ڪرڻ جو موقعو به ملندو آهي. استاد، سرگرميءَ جي گهرج موجب هڪجهڙن يا مختلف ذهني سطح جي شاگردن جا گروپ ناهي سگهن ٿا. ان ڳالهه جو خيال رکيو وڃي ته هر شاگرد کي شرڪت ڪرڻ جو موقعو ملي.

## تصويري خاڪو (Pictorial Illustration)

هن طريقي ۾ شاگردن کي مختلف تصويرون ڏئي، تصويرن جي منظرنگاري ۽ تصويرن جي مختلف جزن جي وضاحت ڪرائي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح شاگردن جي خيالن کي اڀاري سگهجي ٿو. ڪهاڻيءَ جي واقعن جي ترتيب ڏياري سگهجي ٿي.

## گڏجي لکڻ (Group Writing)

شراڪت ۾ لکڻ، هڪ ننڍي گروپ يا پوري ڪلاس ۾ به ٿي سگهي ٿو. هن طريقي موجب استاد، شاگردن جي مدد سان ڪنهن تقريب جو اکين ڏٺو احوال لکي. لکڻ وقت شعوري طور لفظن ۽ جملن جي جوڙجڪ، صورتخطي، گرامر، شروعات، مواد ،پڇاڙي وغيره جي حوالي سان اهم نڪتن جون غلطيون ڪري ۽ شاگردن کي چئي ته اسان لکڻ ختم ڪري بيهر ورجائينداسين، پوءِ شاگردن جي مدد سان غلطين جي نشاندهي ڪندي، لکت کي اصل شڪل ڏئي. هي ڪم ڪنهن ذهين شاگرد جي مدد سان گروپ جي شڪل ۾ به ڪرائي سگهجي ٿو.

## مطالعاتي سير (Field Trip)

هن طريقي موجب مشاهدي ۽ معلومات کي گڏ ڪرڻ لاءِ، شاگردن کي اسڪول اندر يا اسڪول کان ٻاهر مختلف جڳهين تي وٺي وڃي سگهجي ٿو. ان سان شاگردن کي موضوع بابت حقيقي زندگيءَ ۽ پنهنجي ماحول جي مشاهدي بعد معلومات کي گڏ ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. جيئن: جانور، پکي، جيت، ميوا، ٻاجيون ۽ اهم تاريخي عمارتن ادارن ، صنعتن بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ 'اڀياسي سير' جو اهتمام ڪيو وڃي. ان جي پڇاڙيءَ تي شاگردن کي ڳالهائڻ ۽ لکڻ جون سرگرميون ڪرايون وڃن.

## سروي (Survey)

ڪنهن بہ موضوع جي حقيقتن ۽ راين کي گڏ ڪرڻ لاءِ سروي ڪيو ويندو آهي. هي ڪم انفرادي، جوڙن ۽ گروپ ۾ بہ ڪيو ويندو آهي، استاد، حقيقتن ۽ معلومات کي گڏ ڪرڻ لاءِ سوالنامو تيار ڪرائڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪن ۽ ڪم بابت واضح هدايتون ڏين.

## انٽرويو (Interview)

انٽرويو لاءِ ضروري آهي تہ شاگردن کان انٽرويو سوال پهريان ئي ترتيب سان تيار ڪرايا وڃن. ان سان گڏ شاگردن کي اهڙن سوالن لاءِ بہ تيار ڪيو وڃي جن وسيلي وڌيڪ ڄاڻڻ (Probing) لاءِ پاڻ ئي ضمني سوال ڪري سگهن. ڪلاس ۾ انٽرويو لاءِ فرضي مشقون بہ ڪرايون وڃن.

## رهنمائيءَ سان پڙهڻ (Guided Reading)

ڪنهن بہ ڪلاس ۾ شاگرد ذهني طور تي سکيا جي حوالي سان هڪجهڙا نہ هوندا آهن، انهن جي سکڻ ۽ سمجهڻ جو انداز بہ مختلف هوندو آهي .شاگرد پنهنجي ذهني قابليت ۽ لياقت آهر پنهنجي رفتار سان سکندا آهن. هيٺ ڏنل طريقن سان شاگردن جي انفرادي ضرورتن جو خيال رکي سگهجي ٿو:

- شاگردن جي تعليمي ضرورتن، ذهني سطح ۽ دلچسپيءَ مطابق اهڙو ئي مواد چونڊيو وڃي. قابليت جي لحاظ کان شاگردن جا گروپ جوڙيا وڃن، هڪ ئي ڪهاڻي يا ڪو متن هر گروپ کي ڏنو وڃي ۽ مواد، شاگرد جي قابليت مطابق آسان ۽ ڏکيو ڏنو وڃي. اهڙيءَ طرح تفهيمي سوال بہ هر گروپ جي تعليمي قابليت مطابق ڏنا وڃن.
- ڪنهن بہ موضوع تي، جوڙن ۾ پڙهائي اهڙيءَ طرح ڪرائي وڃي جو هڪ شاگرد ٻئي جو مددگار ثابت ٿئي. سمعي ۽ بصري امدادي شين جو استعمال پڻ ڪيو وڃي.
- ڪي شاگرد متحرڪ رهي بهتر ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن، جڏهن تہ ڪجھ شاگرد هڪ ئي جڳھ تي ويٺي اثرائتي ڪارڪردگي ڏيکاريندا آهن. اهڙيءَ طرح شاگرد جي مزاج مطابق اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي، جيئن هر شاگرد پنهنجي صلاحيت مطابق پڙهڻ واري عمل ۾ ڀرپور حصو وٺي.

## رول پلي ۽ ڊرامو (Role Play and Drama)

رول پلي ۽ ڊرامي ذريعي شاگردن کي اعتماد ۽تاثرات سان ڳالھ ٻولھ ڪرڻ، مڪالما تيار ڪرڻ ۽ پيشڪش جو موقعو ملندو آهي. پنهنجن دوستن سان گڏجي پيش ڪرڻ ۾ شرڪت جو احساس پيدا ٿيندو آهي ۽ تخيلاتي ۽ تخليقي صلاحيتن جي نشوونما ٿيندي آهي. استاد موضوع ۽ ڪردارن جي چونڊ ڪرڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪن ۽ مختلف مڪالمن، ڳالهائڻ ۽ ادا ڪرڻ ۾ ان جي رهنمائي ڪن. رول پلي ۽ ڊرامي جي عنوانن جي چونڊ شاگردن جي ماحول، مشاهدي ۽ تجربي آهر ڪئي وڃي.

### پراجيڪٽ (Project)

هن طريقي وسيلي شاگردن کي موضوع/ عنوان ڏنو ويندو آهي. انهن کي ڪلاس ۾ يا ڪلاس کان ٻاهر موضوع جي حل ۽ ان جي خاص نڪتن جاچڻ ۽ حل ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. پراجيڪٽ لاءِ اهڙن موضوعن جي چونڊ ڪئي وڃي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي مهارتن جو مناسب استعمال ممڪن هجي. گروپ ۾ شاگردن کان پراجيڪٽ جي مختلف نڪتن تي ڪم ڪرايو وڃي

### ٽيڪنالاجي (Technology)

ڊجيٽل ٽيڪنالاجي، هن دور ۾ هر فرد جي اهم ضرورت آهي. ڪلاس ۾ اهڙيون سرگرميون ڪرايون وڃن، جن ۾ شاگردن کي موبائيل، ڪمپيوٽر ۽ انٽر نيٽ، ريڊيو ۽ ٽيليويزن وغيره تان معلومات حاصل ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو موقعو ملي. اسڪول ۾ جيڪڏهن ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي سهولت موجود آهي ته ان مان ٻه فائدو ورتو وڃي.

0

## تدريسي مددي شيون

ڪامياب ۽ دلچسپ تدريس لاءِ سمعي ۽ بصري 'ٻڌڻ ۽ ڏسڻ سان واسطو رکندڙ' شين جي اهميت ۽ افاديت مڃي وئي آهي. انهن مددي شين سان تدريسي عمل کي انتهائي اثرائتو، دلڪش ۽ وڻندڙ بنائي سگهجي ٿو. اسڪول ۾ انهن مددي شين مان مناسب فائدو نٿو ورتو وڃي، جنهن جو وڏو ڪارڻ اهو آهي ته مددي شين جي استعمال سان تدريس/سکيا ،وقت ۽ محنت گهري ٿي.

سمعي ۽ بصري شيون اصل ۾ استاد جا اوزار آهن، جن جي ذريعي هو:

1. ڏنل تصورن جي فهم جي وضاحت ڪري ٿو
2. تعليمي عمل کي دلچسپ بنائي ٿو
3. شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تعليم ۽ تدريس جي عمل ۾ شريڪ ڪري ٿو
4. تخليقي ۽ تعميري صلاحيتن کي اجاگر ڪري ٿو
5. زبان جي بنيادي مهارتن جي مشقن جا موقعا فراهم ڪري ٿو.

ڪامياب تدريس لاءِ مددي شين جي وڏي اهميت آهي. اسان جي اسڪولن ۾ انهن شين جي کوٽ آهي، ان ڪري سفارش ڪجي ٿي ته:

1. اسڪولن ۾ مددي شين جي ڪٽ تيار ڪئي/ مهيا ڪئي وڃي ۽ استادن کي انهن جي استعمال کان واقف ڪيو وڃي. استاد لاءِ ضروري آهي ته هو آسپاس جي شين مان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ سان واسطو رکندڙ مددي شين جواستعمال ڪري. جيئن ته اسان جو ملڪ گهٽي خرچ جو بار سهي نٿو سگهي، ان ڪري ضروري آهي ته تربيتي ادارن ۾ استاد تربيت وٺندي، هٿ جي ڪم ۾ مهارت حاصل ڪن ۽ گهٽيون مددي شيون، بنا خرچ واريون پاڻ تيار ڪن ۽ شاگردن کان به تيار ڪرائين.

2. شاگردن کي صحيح اُچار لهجي سيکارڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو پڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو. مثالي خواندگي اُچار ۽ ٻين لساني مشقن کي بهتر بنائڻ لاءِ اسڪولن کي انهن مددي شين مان لاڀ پرائڻ جو موقعو ضرور ڏيڻ گهرجي.

درسي ڪتابن ۾ ريڊيو ۽ ٽي . وي انٽرنيٽ جي نشريات ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۽ اُن تي تبصري ۽ ڳالهه ٻولهه جون مشقون ۽ هدايتون شامل ڪيون وڃن.

## سنڌي زبان جي سکيا لاءِ هيٺيون مددي شيون مناسب رهنديون

1. چونڊ بيتن/ نظمن جا چارٽ/ فليش ڪارڊ.
2. پروڙين ۽ قولن جا چارٽ / ڪارڊ .
3. نظمن ۽ آکاڻين جا ننڍڙا ڪتاب ۽ تصويري آکاڻيون.
4. مختلف پيرا گرافن جا چارٽ .
5. لطيفن ۽ سفرنامن جا ننڍڙا ڪتاب.
6. اخبارون ، ٻاراڻا رسالا ۽ مخزنون.
7. ادبي، تاريخي ۽ قومي شخصيتن جون تصويرون .
8. گرامر جا چارٽ ۽ ماڊل وغيره.
9. نظمن ۽ آکاڻين جون سي ڊيز .
10. ٻارن لاءِ ڇپايل باتصوير ڊڪشنريون.
11. شخصيتن متعلق ننڍڙا ڪتاب.
12. شاهه عبداللطيفؒ جي بيتن جا چارٽ.
13. ڇوڪين، پهاڪن جا چارٽ.
14. ڪمپيوٽر، موبائل، نظم، ڪهاڻيون ۽ ٻيو تعليمي ۽ تفريحي مواد.

# استادن جو رهبر

دنيا جي سمورن ترقي يافته ملڪن ۾ درسي ڪتابن سان گڏوگڏ ’استادن جو رهبر‘ به ڇاپيو ويندو آهي، ته جيئن تدريس کي بهتر بڻائڻ ۾ استادن جي مدد ڪري سگهجي. نئين تعليمي پاليسيءَ ۾ نصاب جي تبديليءَ سان گڏوگڏ ’استادن جو رهبر‘ به ضروري آهي. استادن جي رهبر جو مقصد اهو هرگز نه آهي ته اُستاد کي اُن ڪتاب جو پابند بڻائي، سندس ذهني صلاحيتن کي مفلوج ڪري ڇڏجي، بلڪ هي ڪتاب رڳو واٽ جي لاٽ آهي، منزل نه آهي. موقعي ۽ مهل جي لحاظ کان تدريس دوران استاد، اُن مان مدد ۽ رهبري حاصل ڪري سگهي ٿو.
درسي ڪتابن کي صحيح طريقي سان پڙهائڻ لاءِ ’استادن جو رهبر‘ جو خاص طور بندوبست ڪيو وڃي.
استادن جي رهبر جا مقصد هيٺ ڏنل آهن. لکندڙن لاءِ لازم آهي ته ’استادن جو رهبر‘ جوڙڻ مهل، انهن کي آڏو رکن:

1. تعليم جي عام مقصدن ۽ هر ڪلاس جي خاص مقصدن کان واقف ڪيو وڃي.
2. استادن کي اها ڄاڻ هجي ته ڪنهن خاص سبق کي ڪهڙي مقصد ۽ مهارتن جي حاصلات لاءِ نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.
3. استاد هر سبق جي تياري، ان جي پنهنجي خاص ۽ عام مقصدن کان وٺي ’سکيا جي حاصلات‘ ۽ ’جائزي‘ تائين سولائيءَ سان ڪري سگهي.
4. لساني سرگرمين ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين جو حل ٻڌايو وڃي.
5. لغت، اُچار، تلميحن، پهاڪن / چوڻين وغيره جي مڪمل ڄاڻ ڏني وڃي.
6. استادن کي، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ سان واسطيدار مددي شين جي صحيح استعمال کان واقف ڪيو وڃي .
7. درسي ڪتاب ۾ شامل تصويرن جي تدريسي ضرورتن کان واقف ڪيو وڃي.
8. شاگردن جي حافظي جي سگهه، فڪر ۽ تخيل کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ Interactive سوال ڏنا وڃن.
9. عملي گرامر جا اصول تفصيل سان بيان ڪيا وڃن، جيئن معلوم ٿي سگهي ته محض مجرد تعليم بدران انهن کي لساني مهارتن ۾ ڪيئن ڪم آڻي سگهجي ٿو.
10. مضمون نويسي (Essay Writing) ۽ تخليقي سرگرمين جي اصلاح لاءِ مناسب ۽ عمل جوڳن طريقن جي نشاندهي ڪئي وڃي .
11. اُچارن جي اصلاح لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن، جن ۾ اعرابن جو اهتمام، ٻڌڻ جون مددي شيون وغيره اهم آهن.
12. صحيح اُچار ۽ مناسب رفتار سان بلند آواز ذريعي پڙهڻ جي سکيا ڏني وڃي.
13. عام قسم جي غلطين کي سڌارڻ لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن.
14. مثالي پڙهڻ، تدريس ۽ تفهيم ۾ ڳانڍاپي پيدا ڪرڻ لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن.
15. استادن جو رهبر لکڻ وقت سنڌي ٻوليءَ جي ’معيارن‘، مرحليوار حدن‘ ۽ ’سکيا جي حاصلات‘ کي ضرور آڏو رکيو وڃي.

## جائزي لاءِ حڪمت عمليون (Assessment Strategies)

ٻوليءَ جي مهارتن جي تدريسي ڪاميابيءَ جو جائزو وٺڻ تمام ضروري آهي . جائزو فوري ۽ مُدي وار ٻـ ٿيندو آهي. پر جائزي ۾ ٻارن جي انفراديت، تخليقي صلاحيت، اظهار، ابلاغ جي صحت ۽ روانيءَ کي آڌو رکڻ ضروري آهي. جائزي ذريعي استاد ۽ شاگرد ٻنهي جي بهتريءَ لاءِ ڄاڻ فراهم ڪئي ويندي آهي. جائزي ذريعي شاگردن جي قابليت جي معيار بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي.

هيءُ نصاب، شاگردن جي ياداشت کي پرکڻ بدران ٻوليءَ جي استعمال کي جاچڻ تي وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو. هن نصاب ۾ ٻوليءَ جي بنيادي مهارتن سان گڏ ٻوليءَ جي ٻين مهارتن کي استعمال ڪندي، اضافي مطالعي جي مواد کي پڙهي، سمجهي ۽ ان کي استعمال ڪرڻ جي صلاحيت تي وڌيڪ زور ڏنو ويوآهي.

جائزي کي سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل کان ڌار نٿو ڪري سگهجي.ان جو سڀ کان اهم مقصد شاگردن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بنائڻ آهي. جائزو، شاگردن جي حاصل ڪيل مهارتن جي خوبين ۽ خامين کي جاچڻ ۾ مدد ڪندو آهي. جائزو استادن کي بـ ان قابل بنائيندوآهي تـ هو ڄاڻي سگهن تـ تدريس جا مقصد ڪيتري حد تائين حاصل ٿي رهيا آهن. انهن جي نتيجن جي بنياد تي اهي پنهنجي تدريسي طريقن کي بهتر ڪري سگهن ٿا. جائزي ۾ شاگردن جي ٻوليءَ جي بنيادي مهارتن (ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ) جي جاچ لاءِ مختلف حڪمت عمليون استعمال ڪيون وينديون آهن. سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جي امتحان ۾ گهڻو ڪري ڳالهـ ٻولهـ ۽ تقريري صلاحيتن جي جائزي وٺڻ جو جوڳو بندو بست نـ ٿو ڪيو وڃي. ان حقيقت کان انڪار نـ ٿو ڪري سگهجي تـ ٻوليءَ ۾ ڳالهـ ٻولهـ ۽ تقرير کي بنيادي اهميت حاصل آهي، پر انهن جي امتحان نـ هئڻ ڪري استاد انهن جي سکيا تي جوڳو ڌيان نٿا ڏين. ان لاءِ تقرير ۽ ڳالهـ ٻولهـ جي جاچ کي امتحان جو حصو بنايو ويو آهي تـ جيئن شاگردن جي اُچار، لَهجي، روانيءَ، بيان جي حُسن ۽ خطابت کي جاچي سگهجي. درسي ڪتاب جي سبقن جي مشقن ۾ ان پهلوءَ جو بـ بندوبست ڪيو وڃي. مشقن ۾ ڪجهـ مهارتون معروضي آزمائش جي مدد سان جانچيون وڃن ۽ ڪجهـ موضوعي جوابن وسيلي ڪجهـ مهارتن کي جاچڻ لاءِ عملي سرگرميون ڏنيون وڃن.

شاگردن جي قابليت ڄاڻڻ جا ڪيترائي قسم آهن. جيئن سکيا جي دوران جاچ (Formative Assessment)، مجموعي سکيا جي جاچ ( Summative Assessment) وغيره

## سکيا جي دوران جاچ (Formative Assessment)

تدريس دوران جاچ ۾ اهڙا رسمي ۽ غير رسمي طريقا شامل ڪيا وڃن،جيڪي استاد، سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل دوران استعمال ڪندو آهي تـ جيئن تدريسي طريقن ۾ تبديلي ڪري شاگردن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر ڪري سگهجي. جاچ جو هيءُ طريقو استادن کي ان قابل بڻائيندو آهي تـ شاگردن کي هڪ واضح حاصل ٿيندڙ هدف تائين پهچائي سگهي.

## مجموعي سکيا جي جاچ (Summative Assessment)

مجموعي يا اختتامي جاچ مخصوص مدي دوران ( سبق جي پڄاڻي، هفتيوار، ماهوار، ٽه ماهي، ڇهه ماهي ۽ ساليانو) ورتي ويندي آهي، جنهن جو مقصد شاگردن جي تعليمي ڪارڪردگي ۽ مهارتن جي حاصلات جي پرک ڪرڻ آهي. ان لاءِ آزمائشي پرچا تيار ڪيا ويندا آهن.

سکيا دوران ۽ مجموعي / اختتامي جاچ جي تياري ۾ هيٺ ڏنل ڳالهين کي ڌيان ۾ رکجي.

- ڏنل 'سکيا جي حاصلات' کي آڏو رکي آزمائش تيار ڪئي وڃي.
- تفهيم ۽ گرامر جي جاچ لاءِ درسي ڪتاب جو يا ٻيو ڪو متن ڏنو وڃي ۽ ان مان تفهيم ۽ گرامر جا سوال تيار ڪيا وڃن. سوالن ذريعي متن مان ئي گرامر جا تصور به جاچي سگهبا.
- ٻوليءَ جي مهارتن ۾ شاگردن جي ڪارڪردگي جاچڻ لاءِ زباني ۽ تحريري آزمائشون تيار ڪيون وڃن، ۽ انهن آزمائش ۾ موضوعي ۽ معروضي سوال خاص تناسب سان شامل ڪيا وڃن.
- آزمائش سان گڏو گڏ جاچ لاءِ معيار ۽ ريوبرڪ (Rubric) به ضرور تيار ڪئي وڃي ته جئين انصاف سان هر شاگرد جي ڪارڪردگيءَ جي پروڙ پئجي سگهي.
- مشقي سرگرميون، شاگردن جي ذهني سطح کي آڏو رکي وڌ ۾ وڌ ڏنيون وڃن. مشقي سوالن ۾ مختلف قسمن جي سوالن کي جوڳي نمائندگي ڏني وڃي. مثال طور: تفهيمي، ترغيبي، لساني، اضافي مطالعي، تخليقي سگهه کي اجاگر ڪرڻ وارا سوال ۽ اعلىٰ درجن جي حاصلات جي ڪوشش کي به يقيني بڻايو وڃي، سوالن ۾ معروضي سوال به هجن جن ۾ متبادل جوابن وارن سوالن جو چڱو تعداد هجي. سوال ترتيب ڏيڻ وقت بلوم ٽيڪسانامي (Bloom's Taxonomy) کي ضرور آڏو رکيو وڃي.
- آزمائش ترتيب ڏيڻ وقت سوالن ۾ ٻولي سادي ۽ سولي استعمال ڪئي وڃي، سوالن جي ترتيب آسان کان مشڪل لفظن ڏانهن هجي.
- درسي ڪتاب ۾ ڏنل مشقي سوالن وسيلي به شاگردن جي( سکيا جي حاصلات )کي جاچي سگهجي ٿي.

مشقون شاگردن جي ذهني سطح مطابق هجن ۽ تدريسي عمل ۾ انهن جو عملي مشاهدو، تجربو ۽ مظاهرو ڪيل هجي.

- جائزي وٺڻ وقت ان ڳالهه جو خاص طور خيال رکجي ته 'معيار'، 'مرحليوار حد' ۽ جيڪي 'سکيا جي حاصلات' مقرر ڪيا ويا آهن انهن مطابق ئي جائزو ورتو وڃي.

### سوالن جا قسم

1. **معروضي سوال: (Objective Questions)**

هن قسم جي سوالن ۾ هڪ سوال لاءِ گهڻن جوابن مان، شاگردن کي درست جواب چونڊڻو پوندو آهي. يا وري خال ڀريو، متبادل جوابن وارا سوال جواب، غلط ۽ درست فقرا، ليڪ وسيلي ملائڻ، ڳولڻ، مختصر سوالن جا جواب، گرامر جنهن ۾ واحد جمع، مونث مذڪر، لفظ ۽ انهن جا ضد وغيره شامل آهن.


اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق سنڌ ڄامشورو، اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو کاتو، حڪومت سنڌ

2. **موضوعي سوال:** (Subjective Questions)

موضوعي سوالن جي جوابن کي شاگرد پنهنجن لفظن ۾ پاڻ ناهي تفصيل سان لکندا آهن. ان قسم جي سوالن کي جاچڻ لاءِ معياري ريو برڪ (Rubric) تيار ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ تفهيمي سوال- جواب، مرڪزي خيال، خلاصو لکڻ، تشريح ڪرڻ، مضمون لکڻ،درخواست لکڻ، ڪهاڻي لکڻ، جملا ناهڻ، فرق ڪرڻ ۽ راءِ ڏيڻ وغيره شامل آهن: جن کي جاچڻ لاءِ جواب ۾ ڏنل متن، طوالت، ربط، صورتخطي، بيهڪ جي نشانين ۽ گرامر جي درست استعمال وغيره کي به جاچجي.

تخليقي تحرير ۽ مضمون نويسي جي جاچ لاءِ تجويز ڪيل ضابطہ معيار (Rubric)

- **پيراگراف**

  شروعات - ڳانڍيا پوءِ تسلسل - لفظن جي چونڊ - پڄاڻي - صورتخطي- بيهڪ نشانيون
- **درخواست لکڻ**

  شروعات ۾ پتو - لقب ۽ آداب - مکيہ ڳالھ - پڄاڻي - درخواست لکندڙ جو نالو پتو ۽ تاريخ - صورتخطي، بيهڪ جون نشانيون
- **آکاڻي لکڻ**

  پلاٽ - ابتدا - موضوع سان هڪجهڙائي - عروج ۽ دلچسپي، ربط ۽ تسلسل - پُڄاڻي - اخلاقي سبق - صورتخطي بيهڪ جي نشانيون
- **مضمون نويسي**

  شروعات - نفسِ مضمون - ربط ۽ تسلسل - لفظن جي چونڊ - پڄاڻيءَ وارا لفظ، صورتخطي - بيهڪ جون نشانيون
- **خط لکڻ**

  مقام روانگي ۽ تاريخ - لکندڙ جو پتو - لقب ۽ آداب - متن - پُڄاڻيءَ وارا لفظ - پڄاڻي - جنهن ڏانهن موڪلبو ان جو پتو - صورتخطي - بيهڪ جون نشانيون
- **ڪردار نگاري:** تعارف - ظاهري جوڙ جڪ - خوبيون - پسند نا پسند - ربط تسلسل - ڪردار بابت راءِ - صورتخطي - بيهڪ جون نشانيون.
- **مڪالمہ نگاري:** شروعات - بامقصد - مربوط ۽ منطقي گفتگو- موضوع موجب دليل - پڄاڻي- صورتخطي - بيهڪ جون نشانيون

## سنڌي ٻوليءَ جي نصاب (ڇهين کان اٺين درجي تائين) جي جائزي واري ماهرن جي ڪاميٽي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| • | محترم غلام اصغر ميمڻ | ڊا ئريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم، اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ سنڌ، ڄامشورو | نگران |
| 1. | پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | چيئرمين، سنڌي لينگويج اٿارٽي، حيدرآباد. | چيئرمين |
| 2. | پروفيسر ڊاڪٽر سعيده پروين ميمڻ | پرنسيپال، گورنمينٽ نذرت گرلس ڊگري ڪاليج حيدرآباد. | ميمبر |
| 3. | ڊاڪٽر شازيہ پتافي | ايسوسئيٽ پروفيسر سنڌي ڊپارٽمينٽ، يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو. | ميمبر |
| 4. | ڊاڪٽر الطاف جوکيو | اسسٽنٽ پروفيسر ، ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ انسٽيٽيوٽ فار هيريٽيج اينڊ ريسرچ، ڄامشورو. | ميمبر |
| 5. | محترم دلشاد احمد ڏيٿو | اسسٽنٽ پروفيسر، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن(مين) حيدرآباد. | ميمبر |
| 6. | محترمہ تحسين ڪوثر انصاري | پرنسيپال، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن(وومين) حيدرآباد. | ميمبر |
| 7. | محترم الاهي بخش اڇڻ | جي اي ايس ٽي گورنمينٽ هائير سيڪينڊري اسڪول قاسم آباد حيدرآباد. | ميمبر |
| 8. | محترم بشير احمد چنا | اسسٽنٽ پروفيسر، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن(مين) حيدرآباد. | سهڪاري ميمبر |
| 9. | محترمہ زهران چنا | ليڪچرر، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن(مين) حيدرآباد. | سهڪاري ميمبر |
| 10. | محترم عبدالحميد ڪوسو | سبجيڪٽ اسپيشلسٽ ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم، اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، ڄامشورو. | سهڪاري ميمبر |
| 11. | محترم محمد يوسف جويو | ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم، اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، ڄامشورو. | سهڪاري ميمبر |
| 12. | محترم محمد ادريس جتوئي | ايڊيشنل ڊا ئريڪٽر(نصاب) ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم، اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، سنڌ ڄامشورو. | ميمبر/سيڪريٽري |

**GOVERNMENT OF SINDH**
**SCHOOL EDUCATION & LITERACY DEPARTMENT**

Karachi, dated the 11th, April 2022.

## NOTIFICATION

**NO. SELD/HCW/18/2018:** In compliance with the Section 3, sub-section (4), (e) of Sindh School Education Standards & Curriculum Act 2014, Sindh Act No. IX of 2015. School Education & Literacy Department, Government of Sindh is pleased to accord **No Objection Certificate** for approval of **Sindhi Language Curriculum for Grade VI to VIII and developing & printing of Textual Material as per the approved Curriculum,** after review by the review committee of Sindhi Language.

**GHULAM AKBAR LAGHARI**
**SECRETARY TO GOVERNMENT OF SINDH**

**NO. SELD/HCW/18/2018:** **Karachi, dated the 11th, April 2022.**

**A copy for information and necessary action to:**

1. The Chairman, Sindh Textbook Board, Jamshoro.
2. The Chief Advisor Curriculum Wing, School Education & Literacy Department, Government: of Sindh, Karachi.
3. The Director, Directorate of Curriculum, Assessment & Research, Jamshoro.
4. The P.S to Secretary School Education & Literacy Department, Government: of Sindh, Karachi.
5. The official website.
6. The office file.

11-04-2022

SCHOOL EDUCATION & LITERACY DEPARTMENT GOVT. OF SINDH

(RIAZ AHMED SHAR)
SECTION OFFICER (CURRICULUM-A&T)
For SECRETARY TO GOVERNMENT OF SINDH